# خيرخواهيءَ جي خيرات

(سماجي ۽ اصلاحي ڪالم)


**سيد غلام حيدر شاهہ قلندري**



**انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ پاڪستان**





**ڪتاب** 30



**ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ**



ڪتاب جو نالو: خيرخواهيءَ جي خيرات

ليکڪ: سيد غلام حيدر شاهہ قلندري

معاون ڪار: الطاف ملڪاٽي

ڇاپو پهريون: نومبر 2024ع

ڪمپوزنگ ۽ سهيڙ: شيرخان پنهور

ٽائيٽل ڊيزائن: مهراڻ سهتو

تعداد: 1000

ڇپائيندڙ: انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ پاڪستان، انفارميشن شعبو

ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد.

**قيمت : 400**

**KHAIR KHUAYI JI KHERAAT**

**SYED GHULAM HYDER SHAH QALANDARI**

1ST EDITION: © November 2024

PUBLISHED BY: A.G.Q.W SINDH PAKISTAN INFORMATION DEPARTMENT.

COMPOSING : Sher Khan Panhwar

Contact: 0300-3483688, 0313-3738040

Email: sherkhan.itian@gmail.com

# ارپنا

هي ڪتاب

سائين حاجي محمد يوسف شاهہ رح

جي ساليانی ڏهاڙي جي موقعي تي

سندس نانءِ ڪجي ٿو.

جيڪو

بابا سائين احمد علي قريشي رح

جو روحاني استاد پڻ هو.

**سيد غلام حيدر شاهہ قلندري.**

# فهرست


- انسان دوستيءَ جا سُهڻا سبق ........ الطاف ملڪاڻي ........ 07
- ٻه لفظ ........ حافظ نظاماڻي ........ 08
- پنهنجي پاران ........ سيد غلام حيدر شاهه قلندري ........ 10


## خيرخواهيءَ جي خيرات


- لعل جي نگري جهومي پئي ........ 11
- وبا وياج خوريءَ جي ........ 13
- تهمتن جا تماشا ........ 16
- وسيلا سڀ ويا ........ 18
- نوازشن جو نيلام ........ 21
- توانائيءَ جو تاوانُ ........ 23
- چانٽي ........ 25
- مهانگي آهي ڏاڍي مهانگائي ........ 27
- جڏهن ڪانڊيرا وڻ ٿيا ........ 29
- هڏ ڏوکي، همدرد سماج ........ 31
- رُسي نه راجا ۽ کُٽي نه سيٺ ........ 34
- پٽر ڪير پنڌ ڪري ........ 36
- چٽيهه لچڻ ........ 38
- يرغمال ياريون ۽ يارڙا ........ 40
- گونگن جي گجگوڙ ٻوڙن ڪپهه ڪنن ۾ ........ 43
- پاڙيو ويني پاڙ ........ 45
- ڪنيو ڪائيجي، ونڊ نه ڪائيجي ........ 47
- گهوريءَ اَڏِ مَر گهرُ ........ 49
- جي لوڙُ لِڳَنِ لائِيين ........ 51
- جڏهن رئيس چنبر خان چئيرمين ٿيو ........ 53





- پيري پيري پوڳ ........ 55
- اسين اوترا ئي اوترا ........ 57
- رستا رڪاوٽون روڪ ........ 59
- بکايل جنازي تي، واڇٽ خوشين جا ........ 61
- سونهن ۽ سوپيا جو قتل ........ 63
- چڪ وات جون چڪريون ........ 64
- وَسي تڏهن وس ........ 66
- هڪ جهڙائيءَ جو هجوم ........ 68
- ڪلاچيءَ جون ڪلابازيون ........ 71
- واديءَ هوڏ جو رڻ ڪڇ ........ 74
- پَسِي پَرِ پرِيُن جِي ........ 76
- پيرين پُراڻا ڪيتڙا ........ 79
- رڳڙو لڳو ناهي، جهڳڙو متو ناهي ........ 81
- چمڙا ........ 83
- لوطين کي لوڙها ڏيو ........ 85
- انصاف آزاد سونهين ٿو ........ 88
- جيڏانهن رخ، تيڏانهن مخ ........ 90

# انسان دوستيءَ جا سُهڻا سبق

هڪ سُجاڻ، باشعور، انسان دوست هستيءَ جو ڪم ئي اهو هوندو آهي تہ اُها هستي پنهنجي سماج، پنهنجي معاشري تي ڀوڳهي نظر رکي، نہ رڳو سماج تي ڀوڳهي نظر رکي پر اُنهن سان گڏوگڏ سماج ۾ ڦهليل سماجي برايُن، نفسياتي بيمارين ۽ بديءَ جي وبائن جي نہ رڳو روڪٿام، پر انهن برايُن، وبائن ۽ بيمارين ۾ ورتل پٽڪيل دلين ۽ زنگ زده ذهنن جي اصلاح پڻ ڪري. ان حوالي سان ڏٺو وڃي تہ انجمن غلامانِ قلندر جا موجوده سرواڻ سائين غلام حيدر شاهہ قلندري روحانيت جي رازن جا راهي ۽ رهبر آهن. پر ساڳي وقت پاڻ سماج جي ظاهري عيبن ۽ برائين تي پاڻ گهري اک رکندڙ عظيم هستي آهن ۽ پاڻ اهو ڄاڻن ٿا تہ ظاهري پاڪائي کانسواءِ باطني پاڪائي جو حاصل ٿيڻ بہ ناممڪن آهي ۽ جيئن باطني پاڪائي ۾ نفس ۽ قلب جي صفائي ضروري آهي بلڪل ايئن ئي ظاهري پاڪائي جي حاصلات لاءِ ۽ سماج جي اصلاح لاءِ نفسياتي، عقلي، علمي ڇنڊڇاڻ بہ ضروري آهي، جنهن ڪري پاڻ پنهنجي روحاني خطابت ۾ شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جا راز ٻڌائن ٿا وري سماج جي اصلاح لاءِ پنهنجي قلم ذريعي روزانہ جي بنياد تي مختلف اخبارن ۾ تنقيدي، اصلاحي، طنزيہ ڪالم لکي ماڻهن جي نفسياتي، عقلي، علمي اصلاح جي ڪوشش پڻ ڪن ٿا ۽ سندن هيءَ ڪتاب "خيرخواهيءَ جي خيرات" بہ اسان جي سماج جي نوجوان ذهنن کي زندگي گذارڻ لاءِ صحيح دڳ ڏسڻ ۽ ڏانءُ ڏيڻ لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو ۽ سماج جي ڪوڙ سارين بدين، براين ۽ بيمارين جي نشاندهي ڪندي انهن جي ازالي ۽ علاج لاءِ نوان رستا ۽ راهون سمجهائي ٿو ان لاءِ هر نوجوان کي هيءَ ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجي.

**الطاف ملڪاڻي**



# ٻہ لفظ

آڳي ڪيا اڳهين نسورو ئي نور،
لاخوف عليهم ولا هم يحزنون، سچن ڪونهي سور،
مولي ڪيو معمور انگ ازل ۾ ان جو.

ڪُنري جي قلندري سيد غلام حيدر شاهہ جو ڪتاب "خيرخواهيءَ جي خيرات" جو مختصر مطالعو نظر مان گذريو ان کان اڳ ۾ سندس ٻيو ڪتاب "ورتم پر پٽائيءَ جي" بہ اکين آڏو آيو سندن ٻيا ڪتاب "ٿهڪن ۾ ٽاڪوڙا"، "روميءَ جي اوطاق" "مُنيون پيڙي پڄ" بہ مون ڪجهہ پڙهيا آهن. اهي ڪتاب ڏسڻ ڪانپوءِ مونکي منهنجي شعر جي هيءَ سٽ ياد اچي وئي تہ.

منهن ۾ جيڪر مُلون ڪو گڏبو
مُنيون پيڙي تنهن ڪان پڄبو
ڪوڙن سان هيءَ قلب نہ گڏبو
هادي الله هو آهي،
جتي بہ مُلئين جي بوءِ آهي،
اها نہ پنهنجي جوءِ آهي-

سو سائين جي سيني ڪتابن جو مختصر جائزو وٺندي خبر پئي تہ ڪتابن جا جلد تہ الڳ الڳ آهن پر سيني ڪتابن جي اندر روح ساڳيون آهي، يعني انسانيت جي آبياري. اڄ جي دور ۾ اهڙي ويا آئي آهي جا انسانيت جي ٻوٽي کي سڪائيندي وڃي ٿي. ان انسانيت جي ٻوٽي کي بچائڻ لاءِ ڪٿي ڪٿي ڪو مسيحا نظر اچي ٿو.

سو سيد صاحب سان اڳ تہ منهنجي ايتري واقفيت نہ هئي پر هن ڪتاب شايع ٿيڻ کان ڪجهہ عرصو اڳ سائين سان روبرو ملاقات ٿي تہ خبر پئي هي ڪُنڊيءَ جو قلندري بہ انسانيت جي ٻوٽي کي بچائڻ لاءِ پنهنجي لکڻين وسيلي ان ٻوٽي جي آبياري ڪري رهيو آهي، جيئن ڪنهن شاعر جي هڪ سٽ آهي تہ.

سائي صورت عَينَ ڪي، سائي صورت غين،
سمن نقطا دور ڪرو، تہ اُوءِ عين ڪي عين.

منهنجي خيال ۾ اهو جيڪو ڪيني ۽ بغض جو نقطو آهي اهو ڪڍي ڇڏ تہ توکي هر جاءِ تنهنجي ئي صورت نظر ايندي، پنهنجي صورت سان بغض، حسد ۽ ساڙ ڇا جو "اَلانِسانُ سِرِي و اَنا سِرُہُ" پوءِ توکي سمجهہ ۾ اچي ويندو. وڌيڪ جيڪڏهن وضاحت ڪندس تہ مضمون تمام ڊگهو ٿي ويندو.

باقي سائين سان جن ماڻهن جي صحبت آهي ۽ جيڪي مون سان مليا آهن انهن ۾ ظاهري تہ گهٽي سائين جي محبت نظر اچي ٿي، اندر ۾ ڇا اٿن، اهو الله ڄاڻي. آخر ۾ منهنجي شعر جي هڪ سٽ آهي تہ،

جي مالڪ کي سڄاتو ٿئي پوءِ محتاجي ڇا جي آ ،
رکيو ان سان جي ناتو ٿئي پوءِ محتاجي ڇا جي آ ،
عجب مونکي ٿيندو آهي اوهانجي ان عبادت تي
هينئن ۾ حق ڄاتو ٿئي پوءِ محتاجي ڇا جي آ-

**حافظ نظاماڻي**
**تاريخ 4 نومبر 2024**



# ٻہ لفظ

هيءُ ڪتاب اصل ۾ ڪجهہ اخبارن ۾ شايع ٿيل ڪالمن جو ڪتاب آهي، جيڪو مسلسل اخبارن ۾ روز جي بنيادن تي ڇپجندو رهيو ۽ ايئن ئي ٻيا ڪالمن جا ڪتاب ڇپيل يا اڻ ڇپيل، جيڪي پٽ شيرخان پنهور جي ڪوشش ۽ محنتن سان اوهان آڏو ايندا. اُهي سڀ انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر سنڌ پاڪستان جي سڄي انفارميشن شعبي جي ٽيم جي محنت آهي، اها محنت لائق تحسين آهي.

جيئن تہ اڄڪلهہ جو انسان خاص ڪري نوجوان طبقو جيڪي ڪتابن کان تقريبن منهن مٽائي چڪا آهن، ائين اخبارون بہ خريد ڪري پڙهڻ پري جي ڳالهہ آهي، پر هنن ڪالمن کي وري ڪٽنگن جي صورت ۾ سوشل ميڊيا تي نوجوانن پاران هلائڻ هڪ وڏي ڳالهہ آهي، اگر ڪي نوجوان هي ڪالم پڙهي نہ سگهيا تڏهن بہ نظرن مان ڪٿي نہ ڪٿي گذريا هوندن، ائين اسان پنهنجي ڪم کي لڳا پيا آهيون، شايد جيئن ٽي وي، ڊش اينٽينا، وي سي آر، سي ڊي سميت ٽيپ رڪارڊ غائب ٿي ويا، ائين وري هي سوشل ميڊيا جو جهان بہ ڪيستائين هلندو، ڪا گارنٽي ناهي. پر ڪتاب ۽ ڪاغذ وري بہ دنيا ۾ موجود هوندا.

ڪتابن پڙهڻ سان ذهني ۽ نفسياتي ڊپريشن ۽ بيمارين کان نجات ملي ٿي، جيڪڏهن سمهڻ وقت ڪنهن ڪتاب جا ڪجهہ صحفا پڙهجن تہ بهترين ننڊ ايندي، پلي ڪو آزمائش ڪري ڏسي. آخر ۾ پٽ شيرخان پنهور سان گڏ سائين الطاف ملڪاڻي جا وڏا وڙ آهن، جو هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي.

**سيد غلام حيدر شاهہ قلندري**

# لعل جي نگري جهومي پئي

پوڻا اٺ سئو سال اڳ جي ڳالهه آهي ته هتي، هڪ اهڙي هستي به هئي جيڪا بظاهر هڪ انساني شڪل شبيهه رکندڙ ضرور هئي، مگر دهشت ۽ دٻدٻي روحاني پاور، چهري ۾ حشمت مان اُن ڳالهه جي نمائندگي پئي ڪئي ته هي انسان به ڪو وڏو انسان آهي، جنهن انسان جو ذڪر اسان تاريخي ورقن ۾ پڙهندا پيا اچون اهو مست الست فقير روحانيت جي عڪاسي ڪري پيو. بس خاموشيءَ سان فقيري گودڙي سميت چپ چاپ نه ڪنهن سان جهيڙو جهگڙو نه ڪا ويڙهه عداوت، نه ئي ڪنهن فتني بازي جي سوچ ۽ گمان، بردباري صبر سان سيوستان کي سيوهڻ شريف بڻائڻ لاءِ پنهنجي هادي علي عليہ السلام جي حڪم تي اتان جي انسانن جي اصلاح ڪرڻ لاءِ پهچن ٿا، نه ئي ڪا ان وقت جي قانون سان ڪا هٺ چراند، نه ئي ڪو بحث مباحثو. ان وقت سيوستان جي حال تي نه ڪا تنقيد نه ڪو رد عمل فقط روحاني رمز ۾ گُم ٿي ڏنل احڪامن جي پورائي لاءِ ان سر زمين تي سڪونت اختيار ڪن ٿا، وقت جي چرپر ۾، بازارن جي رونقن ۾ هڪ عجيب هلچل لڳي وڃي ٿي، وڏي عرصي کان هلندڙ انساني ناپاڪائي جون رسمون ۽ رواج جن انسان مان انسانيت کي ختم ڪري ڇڏيو هو اهي وري پاڻ مرادو شڪست کائڻ لڳن ٿيون، اُهي ڪاروباري حضرات جن جو گذر سفر جسمن جي نمائش هوندي هئي هڪدم انهن جي گهٽين ۽ درن کي تالا لڳڻ شروع ٿي وڃن ٿا، آخرڪار ڏوهه وري به ان قلندرانه صفت شخصيت تي اچي ٿو جيڪو بظاهر ته پنهنجي رمز ۾ رڌل آهي پوءِ به حاسد دنيا ڪٿي ٿي بخشي، دنيا چوڻ شروع ٿي ڪري اسان جي



ڪاروبار کي نقصان پهچائڻ وارا اوهان آهيو پاڻ هميشه جيئان سر تسليم خم ڪري مالڪ جي رضا تحت هيٺ منهن مونن ۾ ڪيو ويٺا هوندا هئا، ماڻهن جي شور تي جيئن ئي چهرو مٿي ڪن ٿا لعل چمڪندڙ جلويدار اکين جي تاب ويچارڙا دنيا وارا ڪٿي ٿا برداشت ڪري سگهن، اچي ڏڪڻ لڳا، پيرن تي هٿ رکي سواءِ ڪجهه چوڻ جي مشرف ايمان ٿيندا وڃن ٿا، نه ڪو لعل سائين ليڪچر ڏنا نه ڪو واعظ ڪيو. فقط واسطو رکيو ته ان واحد سان ۽ ان جي محبوب صلي الله عليہ وسلم جي توجہ ۽ پنهنجي مرشد قلندرن جي امام علي عليہ السلام جي هدايتن سان، مخلوق خدا جي اصلاح ٿيڻ شروع ٿي، بدمعاشيون ۽ بدڪاريون متبيون ويون، ان جڳهه تي ايمان ۽ اعتمادِ ربي وڏي وڻ ٿيندو ويو. اهي هئا اصلي صوفي ۽ سندن تعليم جيڪا صدين کان سندن پوئلڳ جاري رکندا پيا اچن، اڄ به ڪوڙ سارا صوفي محبتن ۽ خلوصن جا پيڪر بغير رنگ نسل، تعصب، فرقي واريت جي هلندا ٿا وتن ماڻهن جي اصلاح لاءِ، دنياوي رنڊڪون ۽ وقت جون نزاڪتون پنهنجي جاءِ تي پر محبتن کي بند ٻڌي نٿا سگهجن، طالبن جي طلب سواءِ ديدار جي ڪيئن ختم ٿئي، دين اسلام جو واڌارو اهڙين هستين سواءِ نفرتن جي محبتن جا علم بلند ڪري ڪيو آهي، دلين تي قبضا ڄمائي ان تي ڪنٽرول ڪرڻ واري فن سان، اڄ هن وقت اهڙي فڪر ۽ فلسفي جي ضرورت آهي، نه ڪنهن فتني فساد جي.

عشق به عجب مخلوق آهي”حيدر“،
نه رهي آبادين ۾ نه ئي چمن ۾،
نچي پئي دنيا تنهنجي صحن ۾،
سڄڻ منهنجي آه قسمت تنهنجي هٿن ۾.

# وبا وياج خوريءَ جي

ضرورت، انسانيت کي محتاج رکيو آهي، هڪ انسان کي ٻئي انسان جي مدد ڪرڻ جي گهرج پوي ٿي، هڪ انسان، ٻئي انسان جي ضرورت رهيو آهي، اها ئي فطرتِ ڪائنات آهي، ڪيترو به هڪ انسان الڳ ٿلڳ ٿيڻ جي ڪوشش ڪري، پر الڳ رهي نه ٿو سگهي هڪٻئي کي هيسائڻ ۽ ڌمڪائڻ کان وٺي اهي سڀ حربا جيڪي انسان هڪ ٻئي لاءِ هميشه استعمال ڪندو رهيو آهي، جنهن ۾ وڏي ۾ وڏو مذهبن، ريتن رسمن، حدود تقسيمِ سلطنت، اقوام اقسام، رنگ نسل، ظالم ۽ مظلوم کان وٺي، موجوده نظامِ اقتدار دنياوي سپر پاور کان وٺي هڪ گهٽي محلي ۾ پاڙي راڄ تائين، هڪ انسان جي مجبوري ۽ وڏي ۾ وڏي ڏکيائيِ اِها رهندي اچي ته هو اڪيلو نه ٿو رهي سگهي.

جيتري قدر مذهبن جو تعلق آهي ته اُهي انسانيت جي ڀائيچاري ۽ اصلاح لاءِ ئي وجود ۾ ايندا رهيا آهن، اها ٻي ڳالهه آهي جو انهن مذهبن ۾ وقت گذرڻ کان پوءِ هٿ ٺوڪين فردن کي شامل ڪري هر وقت جي حاڪم کان وٺي هڪ سازشي ٽولن پنهنجي ذاتي مفادن خاطر استعمال ڪري ان مذهبي سوچ کي پنهنجي ماتحت ڪري ان ۾ ڦير ڦار ڪري ۽ ان جا اصلي قانون قائدا نيوڙي ناس ڪري ان جڳهه تي پنهنجي راءِ مطابق اصول جوڙي، وابسطا پوئلڳن جي جذباتن جي چيرڦاڙ ڪري انهن کي پاڻ ۾ تقسيم ۽ دشمن بڻائي ويڙهائي، پنهنجي ڪرسي ۽ جاگرافيائي سرحدن کي مضبوط بڻايو آهي.

ائين سڀني مذهبن کي ۽ انهن جي پاڪ ڪتابن ۽ صحيفن کي بدلائڻ لاءِ جستجو ٿيندي رهي آهي، اها ٻي ڳالهه آهي، جو قرآن



پاڪ بابت دنيا ختم ٿيڻ تائين به اصلي صورت ۾ رهڻ جو ذمو خود الله سائين کنيو آهي، ان جا لفظ تبديل نٿا ڪري سگهجن، نه ئي ٿي سگهن ٿا، پر ترجمن ۽ تفسيرن تحت ضرور ڪجهه نظريا پيش ڪيا ويا آهن.

ائين سيرتِ پاڪ خاتم النبي صلي الله عليه وسلم به جيئن جو تيئن موجود آهي، ان ۾ انسانيت جي لاءِ وڏي ڀلائي شامل آهي، جيڪڏهن ان تي صحيح طرح سان عمل پيرا ٿجي ته هڪ خاص ماڻهو کان وٺي عام انسان تائين هڪ مڪمل حيات ۽ زندگي جو انمول تحفو موجود آهي، ائين ان تي هلي ڪري ثابت قدم رهڻ وارن متبرڪ هستين اُهي ثبوت ڏنا به آهن ته ڪيئن ٿو هلي ڪامياب ٿجي، تاريخون شاهد آهن انهن جي انصاف ۽ روادارين کان وٺي اصولن تي عمل پيرا ٿيندي قربانيون ۽ جانيون نڇاور ڪندي دنيا ۾ اهڙا مثال قائم ڪيا ويا جيڪي انساني گروهن لاءِ هن جديد دور ۾ به هڪ وڏي مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا، اها ٻي ڳالهه آهي جو نتيجا بدلائڻ وارن وسان گهٽايو ناهي ذاتي مفادن جي پورائي لاءِ.

ائين انسانيت جون گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ وڏا ڏڦير ڦهلايا ويا، انهن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ نوان قائدا ۽ قانون جوڙيا ويا وري انهن تي عمل ڪرائڻ واسطي موت مار هٿيار ناهيا ويا، جيئن هر ڳالهه ۾ ها ۾ ها ڪرائي سگهجي، ڇو جو انهن کي نه وارو لفظ وڻندو ناهي، اهڙا ادارا اهڙيون تنظيمون رائج ڪيون ويون، جن دؤلت، سون، زر کي پنهنجي ضابطن تحت قيد بند ڪري، وري انهن جي ورڇ به پنهنجي جوڙيل نظام تحت ڪئي، اهڙي ريت دنيا جي ڪارآمد انهن سڀني ذخائرن

تي به حڪمراني ڪري پنهنجي تابع ڪري وري منافعي تحت اڳيان پويان تقسيم جا رستا ڳوليا ويا.

جڏهن ته اسلام هميشه ذخيره اندوزي، فريب دوکي کي ننديو آهي، جيتوڻيڪ گهٽي منافع خوري جنهن کي وياج سڏيو ٿو وڃي اسلام ۾ منع آهي ۽ اڄڪلهه هر ڪو انسان ان جي ڦندي ۾ جڪڙيل آهي، اها سوچ دنياوي نقشي کان لهندي لهندي اچي اسان جي گهٽين، پاڙن، راڄن ۽ گهر جي فردن تائين پهتي آهي، هاڻي اهڙي قيد بند واري صورتحال ۾ خيرخواهي فقط اُهي انسان ئي ڪري سگهن ٿا، جن جو تعلق ان رهبرِ انسانيت سان جڙيل هوندو، جن جو نظريو فقط ان ذات جي ڪردارِ حسنه تي مشتمل هوندو، اهي ئي فرد هن سماج جي اصلاح ڪري سگهن ٿا. وياج خوري، زخيره اندوزي ۽ طبقاتي فرق کي گهٽائڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿا، نه ته باقي دنيا ۾ ذاتي مفادن سبب سج لڳي پئي آهي. بس خدا سڀني جو خير ڪري.



# تهمتن جا تماشا

هيءُ وقت تماشن جو وقت چئجي ته گهٽ ڪو نه ٿيندو، هر طرف ڪو نه ڪو تماشو رونمائي لاءِ هر وقت تيار آهي، سندس رسم افتتاح جي رسم ادا ڪرڻ لاءِ تماشبين جو هڪ بي تربيتو مجموعو ۽ وڏو تحرڪ ڏسڻ ۾ ايندو.

تماشن جا روپ هر روز نون اندازن سان آندا وڃن ٿا، هر انسان جيڪو تماشو ٿيڻ پيو وڃي يا ٿي رهيو آهي، يا ان کي تماشو ٺاهڻ وارو هٿ سماج ۾ موجود آهي جيتوڻيڪ، سڀني کي عزتِ نفس ضرور هوندي آهي، پوءِ ڪو مصلحت وقت يا مظلوميت ۽ معصوميت جي ڪري چُپ کي چنبڙي گذر ڪري پيو. يا ڪنهن طاقت اقتداري جي اڳيان بي وس بڻيل آهي سماجي تحفظ طور، يا ڪنهن امن امان کي فتني فساد کان بچائڻ خاطر ماٺ کي اهميت ڏني آهي. هڪ طرف تماشا ٿيڻ وارا آهن ته ٻئي طرف تماشا مچائڻ وارا آهن جيڪي وري جوانيءَ جي مستي يا وحشي گهوڙي تي چڙهيل آهن صحبت جي نشي واري خمارن ۾ غلطان، يا وري دؤلت بي انداز جمع ٿيڻ جي پاور ۽ انصافي تقاضائن کي دولت جي سامهون بي وس سمجهڻ جي وجه ڪري، يا اقتدار جا مسند نشين ٿيڻ جي وجه ڪري، يا وري انهن سڀني ذريعي رکڻ وارن جي اڳيان پاڻ کي وڌائڻ خاطر، ٻين جي مجبوري جو فائدو وٺي تماشا برپا ڪن ٿا، اهو هن جديد دور کان وٺي صدين تائين ريتن رسمن ۾ لڳاتار ڏنو ويو آهي.

جيئن هڪ مداري پنهنجي پيٽ جي پورائيءَ لاءِ ڪجهه ڪرتب ۽ کيل ڪري موجود تماشائين کي تفريح پهچائي ٿو، جڏهن ته اڄڪلهه اسان جو سماج ۽ معاشرو جتي ڏيکا ڏيکي، وڏ مڙسي، ظاهريت پرستي ۽ سيلفي جي شغل ۾ گم آهي هتي اهو نٿو ڏنو وڃي ته

كنهن جي عزت نفس جو جنازو نڪري پيو. بيجا گفتگو جاري آهي
پر فوتگي يا خوشي جي لمحن ۾ ميل ملاقات هجي هرڪو پاڻ کي ٻئي
تي برتري آڻڻ لاءِ زبان چَرب زباني کان ڪم ٿو وٺي، وري پر ۾ وينل کي
اشاري سان چوي ٿو ڏس ڪيئن نه همراهه جو ڪنڌ هيٺ ڪرائي
ڇڏيم، يا ڪنهن تي احسان جتائڻ، وڏي رش ۾ قرض جي ادائيگي جي
ڳالهه ڇاٽي واٽي ڪرڻ يا ڪنهن جو ڪم ڪمزور نقطو خلق جي
سامهون چئي ڇڏڻ، اُهي سڀ رواداري انسانيت جي خلاف دشمن
حرڪتون آهن. سي وري اڇڻ واري وقت تي موٽي منهن تي لڳنديون
آهن. جڏهن ته تعليم محمدي صلي الله عليه وسلم کي پڙهبو ته هر
فڪر فلسفي کان مٿاهون ان ۾ توهان کي انسانيت جو قدر ۽ قيمت نظر
ايندي، قرض جي معاملي کان وٺي گفتگوءَ جي انداز کي واضع طور
ٻڌايو ويو آهي، ڪنهن جي به گلا، غيبت، عيب جوئي ممنوع آهي، ڏسڻ
وائيسڻ کان سواءِ تهمت ۽ ڪنهن جي عيب جوئي جي سخت ممانعت
آهي، خبر هوندي به عيبن کي لڪائڻ جو چيو ويو آهي، هتي وري وڏن
ليڊرن کان وٺي هيٺين سطح تائين سڀ ٻُڌل ۾ ٻڌايل تهمتون ذاتيات
تي وڃي پنهنجي مخالفن تي چوهه ڇڏيندا آهن. واپسيءَ ۾ وري اتان به
اهڙا جملا ائين ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. جيئن به عورتون پاڻ ۾ ويڙهه دوران
هڪٻئي جا راز فاش ڪنديون آهن. سو اهو ضروري ڪونهي جو اهي
ان ۾ هجن. بس دل جي باهه کي هلڪو ڪرڻو آهي. جڏهن اهڙي پوليءَ
اعليٰ ايوانن کان وٺي هزارن جي هجوم ۾ ڪئي وڃي، پوءِ معاشري ۽
سماج کي سمجهائڻ لاءِ وري به انهن بي پهچ فقيرن کي ئي ڪردار ادا
ڪرڻو پوندو ۽ در در وڃي سين هٽڻي پوندي، اهو نه اسان جو دين ڌرم نه
ئي ڪا تهذيب تمدن آهي، فقط اسان کي ڇاٽي واٽي تماشو ناهيو پيو
وڃي.



# وسيلا سڀ ويا

وقت ۾ زمانا هڪجهڙا نٿا رهن. ڪڏهن پٿرن جو زمانو هو ته
ڪڏهن وري پٿرن مان ٺهيل عمارتن جي خوبصورت بي چين دنيا آهي،
ڪڏهن گپ گاري وارا جڙيل گهر، ڪٿي وري ڪاٺ نما ڇنا، ڪٿي
وري ڪپڙي جا جوڙيل طنبو طولان ، اڄ وري خليفه برج کان مڪه ٽاور
تائين تمام گهڻيون اونچيون قداور عمارتون، هيئان بيهي ڏسڻ سان
ڪنڌ جو مٽڪو به پڃي پوي.

ائين سفر جا ذريعا آهن، پيادل پنڌ، آڳاٽي زماني ۾ انسانن ۾
جسماني قوت هوندي هئي، وقت گهٽو ۾ ڪم گهٽ هوندا هئا، خوراڪ
نج ۾ اصلي هوندي هئي، بيماريون نه هئڻ جي برابر هونديون هيون، ان
کان پوءِ جانورن کي سواريءَ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو جن ۾ اُٺ،
گهوڙا، هاٿي وغيره سرفهرست اچن ٿا، پوءِ وري سمنڊ ۾ ٻيڙيون ۽ ٻيڙا،
ٻيڙي جو ذڪر تمام گهڻو پراڻو ملي ٿو حضرت نوح عليه السلام جي
وقت کان، وري حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت خضر عليه
السلام جو به ٻيڙيءَ وارو تذڪرو قرآن پاڪ ۾ درج ٿيل آهي، پوءِ ٻيڙا
ٺاهيا ويا جنهن جي ذريعي لشڪر ڪشائي کان وٺي وڻج واپار جا سودا
ٿيڻ لڳا، پوءِ گهوڙن تي بگيون ۽ ٽانگا ٺاهيا ويا، جيتوڻيڪ گهوڙن تي
مشتمل هڪ ريل نما گاڏي به جوڙي ويئي، ائين اڳرن ڪوئلن تي ريل
گاڏيون به هلايون ويون، پوءِ اهي اليڪٽرڪ ذريعي هلڻ لڳيون، ائين
ڪارون گاڏيون بسون پوءِ جهاز اڏامندي به انسانن ڏٺا، انهن جديد
سوارين جي پويان تيل جي معدنيات خاص ڪري پيٽرول گئس وغيره

جو ذڪر لازمي آهي ۽ ان تي ئي ويڙهون ۽ رساڪشين جي هڪ وڏي تاريخ هلندڙ آهي.

تيل جا ذخائر جديد هٿيار طور وقتن بہ وقتن قطب آندا ويا آهن، مظلوم ۽ غريب ملڪ ذخائرن جي موجودگيءَ جو بہ فائدو غربت جي ڪري وٺي نٿا سگهن، انهن جي ريفائنري وغيره لاءِ گهربل سامان ۽ خرچو ۽ ڪجهہ بين الاقوامي قانون موجب سگهہ نٿا سارين، مٿان وري وياج تي ورتل خرچ پاڻي واريون رقمون جڏهن بي فائده طور استعمال ٿينديون رهن، تہ انهن جو وبال وجي هيٺ عوام تي ڪرندو، ڇو جو هڪڙا اهڙا طبقا آهن جن کي ڇوٽ ۽ سهولتون حاصل آهن، ماهوار تيل کي مفت ۾ استعمال ڪرڻ جون، انهن ۾ وقت جي حاڪمن ۽ انهن جي ماتحت آفيسر صاحبان کي، انهن وٽ هونئن بہ خريدڻ جي سگهہ بہ آهي، پر وچولو طبقو جيڪو پيڙهيل آهي خوراڪ ۽ پاڻي جهڙن نعمتن کان وٺي گهر مڪان تائين بہ مشڪلن ۾ ڦاٿل آهي، جنهن جو اولاد فقط سمهي خوابن ۾ تصور ڪري سگهي ٿو، هاڻي تہ اهو خواب ڏسڻ کان بہ ٻڃي ٿو.

آڳاٽي زماني ۾ جانور پالي سواري طور قطب آڻڻ آسان هو انهن جي کاڌ خوراڪ بغير ٽيڪس جي ملندي هئي، هاڻي اهو گاهہ ۽ کاڌ تيل سون کان بہ وڌيڪ مهانگو آهي، ان جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ ٻج پاڻ انتهائي بلند ترين سطح تائين اڻ لپ ٿي ويا آهن، مٿان پاڻي جا بحران، افسوس تہ هن دور جو انسان پيادل سفر ڪرڻ جو دم بہ ڀري نہ ٿو سگهي، ڇو تہ نہ کير اصل رهيو نہ گوشت کائڻ جو سوچي بہ سگهي ٿو ۽ نہ وري مکڻ وغيره جو شوق ڪرڻ، اهڙو ڪمزور انسان فقط هڪ ڳالهہ آساني سان سوچي پيو اها آهي خودڪشي حاصل ڪرڻ جا آسان



طريقا، ڇو جو ايمان ۽ توڪل جو درس ڏيڻ وارن جي تمام ٿورائي وڃي بچي آهي، انهن جي جڳهہ اهڙن خود غرض لالچي عناصرن والاري آهي، جو اهڙا الله ۽ ان جي رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي تعليم تي هلندي توڪل اعتماد ڪرڻ واريون ڳالهيون، ذهنن مان نڪرنديون پيون وڃن، جيئن رهبرِ انسانيت قناعت ۽ ونڊ ورڇ جو درس ڏنو حڪومت طرفان بيت المال جي تقسيم وغيره، جيتوڻيڪ پنهنجي ڪٽنب لاءِ صدقات ۽ زڪوات ڏيڻ حرام آهي پر پاڻ سڳورن صلي الله عليہ والہ وسلم، هڪ اهڙو تہ قانون قائم ڪيو جو سڄي دنيا ان تي اڄ بہ حيران آهي، بيوه مسڪينن جي مالي امداد وغيره ڪرڻ، اڄ انهن ادارن تي بہ هڪ وڏي مافيا جو قابض ٿيڻ انسانيت لاءِ عذاب کان گهٽ ڪونهي، مٿان وري وياج ۽ ڪميشن وارو ڪاروبار هلائيندڙن هڪ پاسي چور ۽ ڏاڙيل پيدا ڪيا تہ ٻئي پاسي رهبرن کي رهزن ٺاهيو، اهڙي معاشري جو حل هڪ انصاف پسنديءَ وارو ماحول جوڙڻ آهي جيڪو تعليماتِ محمدي صلي الله عليہ وسلم کان سواءِ بلڪل اڻ لپ آهي.

# نوازشن جو نيلام

حضرت علي سائين عليہ السلام جو قول آهي تہ، ”جنهن تي احسان ڪيو تہ ان جي شر کان بچو“. ڪيڏي وڏي ڳجهارت ۽ فهم فراست جي انتها آهي، ٿورا احسان ڪرڻ وري دشمني واپسيءَ ۾ وٺڻ، ڇا تہ عجب حقيقت آهي، لفظن ۾ ڪيڏي وڏي گهرائي آهي، جنهن تي نوازش ۽ عنايت ڪبي آهي، موٽ ۾ اهڙي نانگ کان بچڻ بہ لازمي آهي، جنهن کي هٿن سان ڪير پياري پالجي، اوهان ڏٺو ڪونهي نانگ پالڻ، ريا خونخوار جانور پالڻ وارن جو موت هميشہ انهن جي هٿان ئي ٿيو آهي، تڏهن تہ سياڻن چيو آهي تہ نيڪي ڪري درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏيو ائين ڀلايون ڪريو جيئن هڪ هٿ ٻئي هٿ جي حرڪت کان بي خبر هجي، پوءِ نہ ڪا شڪل صورت ياد رهندي نہ ئي ڪڏهن ڪو ارمان ۽ اوسيئڙو ٿيندو، نہ ئي وري اڪيلائي ۾ ڪو تعجب جو طوفان برپا ٿيندو جيڪو اوهان جو سڪون برباد ڪرڻ جو ڪارڻ بڻبو.

هميشہ تاريخ ۾ پاڪ سائين ڪريمن صلي الله عليہ وسلم کان وٺي اهلبيت ڪرامن ۽ اولياء ڪرامن ۽ وقت جي حاڪمن جا احسان ۽ بدلي ۾ مليل احسانن جا تحفا وسارڻ جهڙا ناهن، اها سڀ ريت رسم انسانيت جي آهي، پاڪ ڪريم صلي الله عليہ وسلم رحمت العالمين آهن، پاڪ صلي الله عليہ وسلم هميشہ درگذر ڪرڻ جو حڪم ڏيندا رهيا، وري علي عليہ السلام جو اهو قول چوڻ جو مقصد، بس درگذر معاف ڪرڻ جي روايت ٻڌائڻ آهي، وقت جي صاحبِ حڪمت وارن بہ ائين ڪيو توهان ڏسو اندازو لڳايو جڏهن نانگ پاليل جو پيٽ



ڀريل هوندو تہ اهو ڏنگ ڪو نہ هڻندو پر خدانخواستہ جيڪڏهن بکيو رهجي ويو تہ ڏنگ هڻڻ ۾ دير ئي ڪو نہ ڪندو.

ائين ڪنهن منصب واري ڪرسيءَ جي ڪري ڇهچٽو لڳو پيو آهي، ڪرسيءَ تي ويٺل شخص ائين سمجهي رهيو آهي تہ اها ڪرسي ۽ ڪرسي جي ويجهو ٿيندڙ همراهن تي منهنجي ڪري احسان ۽ نوازشون ٿين پيون، تہ سمجهہ جڏهن زمين ۽ ڪرسي هيٺان ترڪي نڪتي ناهي، سڄا ڊراما ڊامان ڊول ٿي ويندا.

ائين ڪو فرد زمين تي آڪڙ ۽ وڏي جوانمردي سان ٽنگون ٽيڙي هلي، پر اها زمين بہ پيرن مان نڪرڻ جو وڏو تجربو قبرستان ۾ وڃي ڪري سگهجي ٿو جن جي پيرن مان زمين سرڪي مٽان پئجي وئي آهي.

ائين چون ٿا محلاتي سازشون، گهر مان شروعات ٿين ٿيون، جيڪي ويجها فرد جن تي نوازشن جا مينهن پئي وسيا، اتان ئي پير ڏاهڻ جون تياريون پيون ٿين، سڀ ايستائين چنبڙي رهندا جيستائين مفادن جي پورائي ٿيندي، سو مفادن وارا ماڻهو گڏ ڏسي ڪڏهن بہ خوش فهميءَ ۾ نہ رهڻ گهرجي.

ائين ويچارڙا محل يعني جسم جا عضوا جن کي سنواري سينگاري رکيو ويو هر قسم جي آرائش سان نوازي، ان جي شر کان بہ بچجي، اها صوفين جي سوچ آهي، بس راز سڀ پڌري پٽ پيا اٿئو سڃاڻپ اوهان جي هٿ ۾ آهي، جيڪڏهن اُهي سڀ توهان سان فقط اوهان جي ڪردار جي ڪري لاڳاپيل رهيا آهن، تہ اُهي رهندا ايندا دنيا ۾ ۽ دنيا کان پوءِ بہ، تڏهن تہ اڄ بہ صدين بعد سٺا ڪردار ساراهيا ٿا وڃن ۽ ڳائيا ٿا وڃن، بس ڪردار تي نوازش ڪرڻ سکو.

# توانائيءَ جو تاوانُ

ضرورياتِ زندگيءَ ۾ هر اها شيءِ جيڪا خوراڪ پچائڻ کان وٺي روزمره جي ڪمن ۾ شامل آهي. جيئن ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون ۽ گئس جي قسمن کان وٺي گاسليٽ جيڪي هاڻي انسانن جي مجبوري آهن، انهن جي ذخيرن تي جهڳڙا ئي اصل پاور شيئرنگ آهي، هن وقت دنيا جون نظرون خاص ڪري سپر پاور ملڪن جون انهن ذخيرن وارن ملڪن تي کُپيل آهن. جتي معدنيات جا ذخائر ملن ٿا، اهي تيل کان وٺي گئس وغيره تائين.

پاڻي به هڪ وڏو اشو رهيو آهي، هميشه سمنڊ ۽ درياهه جي ويجهو وسنديون آباد ڪيون ٿيون وڃن. آڳاٽي زماني کان وٺي اڄ تائين آمدرفت ڪاروبار وغيره سمنڊ جي ذريعي ٿيندو رهيو آهي، باقي درياهه زراعت ۽ بجليءَ جي پيداوار لاءِ ڊيمن جي صورت ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا. جن به ملڪن انهن توانائين جي پيداوار ۾ ترقي ڪئي، اهي ترقي يافتا ليڪجن ٿا ۽ اهي وري ٻين ملڪن جي ذخيرن تي سنڌو سنئون يا اڻ سڌي طرح قابض رهندا اچن ٿا. وري اُهي انهن ملڪن جا ذخائر به تاوان يعني ڍَنگ جي صورت ۾ واپس موٽايا وڃن ٿا.

قرضاجات وغيره جي صورت ۾، جن غريب ملڪن کي ٽي بي جي مرض وانگر جڪڙي ڇڏيو آهي، ٽي بي جو وري به علاج نڪري آيو آهي، پر هنن وياج خورن جو قرض اجان ختم ٿيڻ جو نالو نٿو وٺي، پنهجي ذريعن تي پاڻ ٿو تاوان ڏجي، اهڙو حشر هڪ زهريلي مافيائن جي صورت ۾ ڪيو پيو وڃي، ان جي جڪڙ ۾ ڪافي مسلم ملڪ به آيل آهن.



بجليءَ جي پيداوار تي پيٽرول بم ڪيرايو ويو آهي، ان جو اثر صنعتي ادارن کان ٿيندو عام ماڻهوءَ تي سڌي ريت اثر انداز ٿيندو پيو وڃي، في يونٽ جي حساب سان وڌنڌڙ ريٽ چيلهه چٻي نه پر صفا پيچي ناڪاره ڪري ڇڏي آهي، مٿان پُڇڙي وارن علائقن تائين نهري پاڻي جي پهچڻ جا سڀ وسيلا ڏينهون ڏينهن ناڪاميءَ جي طرف روان دوان آهن، انهن سڀني جو حل احتجاج ناهي، ڪو مڪمل وسيع محنت طلب عمل آهي، جيڪو هڪ عام ماڻهو کان وٺي اقتدار جي اعليٰ ڪردارن تائين ٿيڻ کپي، ان ۾ وڏي ۾ ڳالهه دل جان سان ۽ ايمانداريءَ سان ڪوشش ڪرڻ آهي.

اڄڪلهه ڪافي ريت شمسي توانائي نعمُ البدل طور استعمال ٿي رهي آهي، اجان ان کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ جاکوڙيو وڃي، ڪاڏي واري آئل جي پوکيءَ لاءِ آبادگارن کي همٿائي انهن جي مالي سهڪار ڏنو وڃي، آبي ذخائرن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ جامع حڪمت عملي جوڙي وڃي، برساتي پاڻيءَ مان حڪومت جي سطح کان وٺي هڪ عام ماڻهوءَ کي جمع ڪرڻ جي ترغيب ۽ مدد ڪرڻ وارا حوصلا افزا ڪم ڪيا وڃن، وياج جي ڏيڻ مان نڪرڻ لاءِ ٽيڪنيڪل چور مافيائن جو صفايو ڪري انهن کي همدردي جا هٿ ٻڌي جان ڇڏائي وڃي، آئينده اچڻ واري نسل لاءِ ڪجهه قربانيون ڏجن ۽ ڪن کي قربان ڪيو وڃي، جيئن غربت ۽ مفلسيءَ جو خاتمو ۽ احساس محرومي جو شڪار معاشرو پاڻ کي ان سچي نظام جو حصيدار سمجهي هٿ ونڊائي سگهي.

# چانڊي

جڏهن هر طرف گند ڪچرو ڦهلايو ويندو آهي ته اتي جا خيرخواه رکوالا ضرور صفائي ڪرڻ گهرندا يا ڪرائيندا، گند ڪچري جي موجودگي آزار جو باعث بڻجي ٿي، جتي گند هوندو آهي اتي گند جا شوقين ضرور گڏ ٿيندا آهن. اوهان ڏٺو هوندو جتي ڍونڍ پيل هوندو اتي ڍونڍ خور پکي ڏپ تي پهچي ويندا، جيڪڏهن مٿئين واه تي ڍونڍ پيل هجي ته ڏپ هيٺئين لاءِ وڏو عذاب برپا ڪريو ڇڏي، جيئن شگر مل يا ٻين ملن کان وٺي ٻٺن جا دونهان ڪيڏي آلودگي پکيڙن ٿا، تڏهن انهن کي قانون تحت آبادين کان پري رکڻ جي ڳالهيون ڪيون ٿيون وڃن.

ائين گند جڏهن رستن چوراهن کان ٿيندو گهمندو ڦرندو سير تفريح ڪندو، دلين ۽ ذهنن کي متاثر ڪندو اچي، واهڻ، وستين، شهرن، ڳوٺن، بنگلن کان اچي آفيسن ۽ فيصلائتي مرحلن جي پيداوارن تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي، يا انهيءَ گند ۾ اهڙا گندگيءَ وارا عناصر شامل ٿي وڃن جيڪي نه چاهيندي به پوري معاشري ۽ سماج کان وٺي هڪ سلطنت ملڪ لاءِ غير يقيني کان وٺي مسئلن تي مسئلا پيدا ڪرڻ لڳن، انهن جي ذهني گندگي اعليٰ ايوانن کان وٺي گهٽين تائين بحث ۽ مباحثي جو شڪار ٿيڻ شروع ٿئي ته نقصان ٿئي ٿو پر، ضرور ڪجهه اڻ ڏريا صاف شفاف الله لوڪ انسان جيڪي هر فيلڊ ۾ خيرخواهي جي جذبن سان سرشار هوندا آهن، اهي چاهيندا آهن ته اسان جا رستا روڊ چوراها، گهٽيون شهر مرڪز ۽ درسگاهون، صاف سٿريون ٿين، جتي خوشبو ۽ مهڪ هبڪار مهڪي



اٿي، ان جون جهلڪيون اسان جي نئين نسل تائين منتقل ٿينديون رهن، پوءِ هو هڪ باغبان وانگر وڌندڙ ناڪاره تارين جي ڇنڊ ڇاڻ ڪي لڳي وڃي ٿو جيئن خزان ۾ پن ڇڻ ٿيندي آهي، پوءِ جتي صفائي هوندي اتي ماحولياتي نقصان ڪار صحت، مڇر ۽ مکيون جيت جراثيم يا ته مرندا ۽ بي هوش ٿيندا يا ته پڇي جان ڇڏائيندا، پوءِ وبائي معاشرتي مليريا کان بچاءُ ٿي ويندو ۽ خوامخواه نقلي دوائون استعمال ڪون ڪبيون.

تاريخ ۾ ويندا ته اهڙيون بي پناه هستيون ملنديون، جيئن حضرت يوسف همداني رحمت الله عليه پنهنجي شاگرد ۽ مريد حضرت خواجه احمد يسوي رحمت الله عليه کي بغداد کي صاف ڪرڻ لاءِ موڪليو، ان وقت اتي جي فحاش ۽ چورن کي پنهنجي صحبت سان نيڪ ۽ صالح بڻايائين، پنهنجي خيرخواهي جي هٿن سان سماج جي يتيمن جي سار سنڀال انهن ئي ڪئي، يتيم هڪڙا اُهي جن کان مائٽ ڇنجي وڃن، پر وڏا يتيم اُهي آهن جن کان ڪردار ۽ اخلاق ڦرجي وڃي، ڪير ٿو ڦري معاشري ۽ سماج جي صحبت، علم ۽ فهم جي ذريعي، جيئن خواجه معين الدين چشتي رحمت الله عليه کان وٺي لال سائين داتا گنج بخش رحمت الله عليه، صوفيا ڪرامن محبتن ۽ ڀائيچاري سان ذهني گند صاف ڪيا، جيتوڻيڪ وقت جي بادشاهن جا به ذهن تبديل ڪيائون جو انهن جو اڄ نتيجو آهي، جو انهن جو فلسفو فڪر اڄ ڏينهن تائين پنهنجي حال سارو انسانيت جي اصلاح تي لڳل آهي، جنهن جا مقصد ذاتيات کان بالاتر آهن. انهن جو ليڊر رهبرِ انسانيت ئي آهي.

# مهانگي آهي ڏاڍي مهانگائي

دنيا جي تاريخ ۾ مهانگائي ڪا نئين بلا ڪونهي، ڪڏهن مهانگائي ضمير جي جاڳڻ جي، ڪڏهن مهانگائي افراطِ زر جي، ڪڏهن روزمره جي اشياء خوراڪ، ڪڏهن مهانگائي خلقِ خَلق جي، ڪڏهن مهانگائي انسانيت ۽ اعليٰ ظرفي جي، ڪڏهن مهانگائي سچ ۽ حق جي ڳولا جي، ڪڏهن مهانگائي ڪڪر بارش ۽ پاڻيءَ جي فراهمي جي، ڪڏهن مهانگائي محبت ۽ پائيچاري جي، ڪڏهن مهانگائي وفا ۽ وفادارن جي، ڪڏهن مهانگائي اصولن ۽ اعمالن جي، ڪڏهن مهانگائي نظر ڪمال جي، پر سڀني مهانگائين کان وڌيڪ مهانگائي انسانيت، اخلاقيات، ڪردارِ اعليٰ، سچائي، فراست، فهم، علم ۽ عقل جي آهي، سڀ ڪجهه پنهنجي جڳهه تي موجود ضرور آهي، ائين ڪونهي ڪو فقدان آهي، پر اٽليپ ٿي ويو آهي، ۽ انهن جي جاءِ نقل ورتي آهي، مارڪيٽ ۾ جيئن سون جي جڳهه آرٽيفيشل سون پيو هلي، ائين هڪ انسان جي جڳهه مفاد پرست لالچي انسان تمام حيوانيت جي خوبين سان آساني سان دستياب آهي ۽ تمام سستو پوءِ مهانگائي وارو سودو ڪير ته ڪري، اهڙا عمل ماڻڪ لڪڻ چيڻ ۾ پورا يا ستم ظريفيءَ جو شڪار يا بي قدري جي انتهائي گهٽائي جي ڪري گوشه نشين، وري به ڪمال جا شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمائين ٿا ته، ”تتي ٿڌي ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي“، انسانيت جو غم ڪرڻ به وڏو درجو آهي، ته ٿي قدم کڻڻ به انسانيت جي مدد آهي، ڪنهن جي ڪم اچڻ وڏي ڳالهه آهي، جيڪڏهن چاپلوسي، خوشامد ۽ ڏيکاءُ کان پري هجي، مهانگائي جا بوجهه ۽ وزن حلال ڪائڻ وارن کي ئي پوڳڻا



پوندا آهن. خاص ڪري غربت جي پيڙائن سان ٽڪر ڪائڻ وارن کي، هڪڙي غربت انهن سڀني جي آهي جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم وٽ جڏهن اصحابي سڳورن بک ۽ افلاس جو ذڪر پيٽ تي پٿر ڏيکاري ڪيو ته، پاڻ رحمت العالمين به پٿر پيٽ تي ٻڌل ڏيکاري ڪيو ائين پاڻ صلي الله عليه وسلم جي پوئلڳن پنهنجي اولاد کي به انصاف جي ڪتاري ۾ بيهاري سزائون ڏنيون، اها ئي رسم سيرت هئي جنهن سچي روح زمين تي ظاهري ۽ باطني طرح فتحيابي ماڻي، اڄ به ڪاميابي انهن کي هٿ ايندي آهي، جيڪي اڳواڻ ۽ ڪارڪن هڪجهڙو عمل ڪن، اڳواڻن کي ڪارڪنن جي فڪر هجي، وقت جي بادشاهه کي پنهنجي ريا ۽ رياست جي، ماڻهن جي روٽي ۽ ڪپڙي جو فڪر هجي، ائين نه رڳو ڳالهين جا ٽڪاءَ، ٽڪاء هميشه گولين جي جڳهه تي ڦٽاڪن ڦاڙڻ سان ٻڌائي سگهجن ٿا.

# جڏهن ڪانڊيرا وڻ ٿيا

چون ٿا ته ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي، جڏهن دنيا ڏٺو ته اصل ڪڪڙ پالڻ به ڏکيو ۽ واڌ ويجهه به ڏکي، انهن کي ضرورت لاءِ جلدي ۽ گهٽي مقدار ۾ ڪڪڙ جو گوشت کپي، وقت جي نزاڪت به هئي، ته پوءِ پولٽري فارم ۽ فارمنگ ظاهر ٿي، ڏسندي ڏسندي انهن جا ڪارخانا. خوراڪ ۽ فيڊ وغيره جي گهر ٿي، نوان نوان ڊيلر واپاري فيلڊ ۾ آيا ۽ اناڙي ڪاروبار مان رات جي پيٽ ۾ دولت مند امير بڻجي ويا. ائين ئي گهر گهر پولٽري فارمنگ کي هٿي ملي، هاڻي وقت وري تبديل ٿيندو پيو وڃي، گرمي جي موسم جي وجه سان شيلٽر ۽ اي سي ئي وڏيڪ ڪامياب ٿين پيا. ائين آدم جي گهٽائي جي ڪري جتي گوشت کائڻ جو رجحان خاص ڪري هوٽلنگ جو ڪاروبار هڪدم تيزي سان وڌي رهيو آهي ته. ٻاڪري مال جو وڪرو ۽ ڪاروبار پاڳين جي هٿان نڪري هڪ واپاري طبقي جي هٿ ۾ اچي ويو آهي، جتي رقم جي گهٽائي جي ڪري قربانيءَ جي جانورن طور وڪري لاءِ ڇيلا پالڻ وري مزدوري تي ڏئي ڇڏڻ جو رواج تيزيءَ سان وڌندو رهيو آهي، تمام بهترين ڪاروبار آهي، مزدور کي به مزدوري ملي ٿي ۽ سيٺ کي ويٺي ويٺي رقم ٻيڻي مليو وڃي، ڪاروبار ۾ ضرور نفعو نقصان آهي پر حلال روزي آهي، انڪار ناهي، ائين وڏا جانور به سڄي سال سانڍجن ٿا. پوءِ قرباني ۾ استعمال ٿين ٿا. ائين اڄڪلهه جيئن شادين ۽ ڪاڄن جي دعوتن ۾ وائيٽ ڊشزز جي رسم هلي پئي ته اتي وري ڪڪڙ جي جڳهه تي ڇيلي طور ننڍيا پاڏا قطب آڻجن پيا. نه کائڻ وارن کي خبر نه وري ڪارائڻ وارن کي فڪر ته ڪو کائڻ وارو محسوس ڪندو. ڪڏهن



ڪڏهن ڏٺو ويو آهي ته کائڻ وارو چوندو پيو وڃي ته ڊاڪٽرن وڏي کي کائڻ جي منع ڪئي آهي، پر يار هيءَ ڇيلو ڏاڍو سٺو ٿهيل آهي، ميزبان خود به مهمان جي اڳتجائي تي ڪنڌ لوڏيندي ڏٺو ويو آهي، پر چوڻ جي طاقت ڪونهي ته ننڍو يا وڏو. ائين ناشتي ۾ بيضن جي چٽني ۾ بورچي گوبي وجهي ٺاهي ڏئي تڏهن به سفيد گوبي کي بيضن جي اچاڻ سمجهي کائي ويندا سين، اهو سمجهندي ته ڊاڪٽر سفيدي جي اجازت ڏني آهي پلي کائيجي، ائين اصلي زيورن جي جڳهه تي آرٽيفيشل جو جڳاڙ وڏي ڪاميابي ماڻي ويو آهي، جيئن لائيٽ جي جڳهه تي سولر سسٽم ڪم کي ڪٽيو بيٺو آهي، ائين هاڻي تيل جو ضرور جڳاڙ ٿيندو. هر طرح سان مکڻ، لسي، کير جو به نعم البدل نڪري ويو آهي، ائين ويچارڙي وڻ ڇانءُ واري جي جڳهه تي ڪانڊيري خان کي به آٽڻ ۾ کهڙو ڏوهه. وڏو وڻ وڏيڪ پاڻي ۽ جڳهه والاريندو. ننڍو ڪانڊيرو خان ٿورڙي گهم ۾ چپٽي پاڻي جي جهڙي به هجي خوش، نه خراس نه گهٽي ڊيگهه پکيڙ، جڏهن گندي نالي کير پئي ڏي ته مينهن پالڻ جو ڏوهه ڇو ڪجي، ڪم هلي ٿو. سو شارٽ ڪٽ جا اسان اڳئي ماهر آهيون، هاڻي ته انسانن به وڏن وڻن وارا قداور انسان ڇڏي ننڍي قد جا ڪانڊيرا خان ميدان تي لاٿا آهن، جن جو نه ڪو مطالعو نه ڪا گُهر جتي لڳي اتي لڳائي ڇڏجي، نه ئي جاءِ جي ڪا وڏي گهرج، ائين هر هنڌ ڪانڊيرن جا ڪٽڪ نڪري پيا آهن، جيئن برسات ۾ ماڪوڙا. انهن جي ٻڌي ۽ اتحاد به قابل داد آهي ته هنن ڪانڊيرن جو به ڳانڍاپو مضبوط ٿئي ٿو. مفادن ڪارڻ اڻ ٿٽ جيستائين چپٽي ملي پئي ڪم پيو هلي.

# هڏ ڏوکي، همدرد سماج

اڄڪلهه اسان جي سماج ۾ جيڪو وڏي ۾ وڏو مرض برپا ٿيو آهي، اهو خود غرضي، لالچ، حسد ۽ حرص جو آهي، انهيءَ اسان جي سڄي ماحول کي نه رڳو آلوده ڪيو آهي پر زهريلي پن سان ڏينهون ڏينهن تباهه ۽ برباد ڪندو اڳتي وڌي رهيو آهي، هر فرد پاڻ تائين محدود رهجي ويو آهي.

اجتماعي سرگرمين تي انفرادي سوچ جي غالب اچڻ ئي وڏي تباهيءَ جو سامان فراهم ڪيو آهي، ڏک، سک ۾ هڏ ڏوکي رهڻ وارو وڏن جو نظريو موڪلائي ويو آهي، هر ڪو چوندي پڏو پيو وڃي ته بس پنهنجي زندگيءَ کي عيش عشرت ۾ گذارجي ڪير ڪنهن جو ناهي، يلي بي وفائن ۽ اهنج درد سماج ڏئي ٿو پنهنجي پراون کان ورثي ۾ سڀ ريتون رسمون هلن پيون جنهن ۾ سواءِ دشمني جي ڪجه به ورثو ناهي، پر اها ڪٿي جي انسانيت ۽ مسلمانيت آهي جو فقط پنهنجي ذات لاءِ ڪمائجي ۽ کائجي.

جيئن يورپين ماڻهن کي ڏسو صفا اڪيلائيءَ جو شڪار ٿي ويا آهن، نه پيءُ نه پٽ، نه ئي ڪو ٻيو رشتو رابطو شادي وارا رواج به ختم هڪ جانورن وانگر ڪاڏو پيتو بس، والدين لاءِ اولڊ ڪئمپس، مريضن لاءِ نرسنگ نظام، پوءِ اتي هر ڪنهن کي تنهائي جو زهر ستائيندڙ هوندو آهي، هاڻي اهو رواج اسان جي سماج ۾ اچي نڪتو



آهي، سڄو چڙوچڙ سماج ۾ خودڪشي جو رجحان ۽ عدم تحفظ جو شڪار معاشرو عورتن کان وٺي ٻار وڏا سڀ بي سهارا آهن.

جيتوڻيڪ اسان جي اسلامي نظام کي اڻ ڏريو ٿي به جانچجي ۽ سيرت پاڪ جو مطالعو ڪجي ته هڪ وڏي جامع شعور بخش سماج جي جوڙجڪ معلوم ٿئي ٿي، پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جي حديث پاڪ جو مفهوم آهي ته "توهان وٽ جيڪو ڪجه ميسر آهي انهن محنت ڪش مزدورن جي ڪري آهي"، (مسلم 249). اڳتي سماج جي باري ۾ فرمائين ٿا ته "پاڻ ڪريمن صلي الله عليه سخاوت جي معاملي ۾ پنهنجي لختِ جگر کان وڌيڪ غربا مسڪينن يتيمن جو خيال رکندا هئا. (ابوداؤد 250).

خاتونِ جنت چڪيءَ ۾ اٽو پيسيندي هئي، پاڻيءَ جي مشڪ پاڻ پري ايندي هئي، پر غريبن کي پنهنجي اولاد کان اڳ ۾ حصو پتي ملندو هو بيت المال مان به ائين ئي هو.

حضرت ابوبڪر صديق رضه جيڪي ان وقت بااثر ماڻهن ۾ ڳڻيا ويندا هئا، جن جي هٿان هڪ پورهيت حضرت بلال رضه ۽ صهيب رضه کي آزاد ڪرايو وڃي ٿو پاڻ غلامن کان معافي وٺڻ جي تلقين ڪندا هئا.

اڄ اسان جو ظاهري عبادتن تي وڏو زور آهي پر حقوقِ العباد ڏانهن ڌيان ڪجي ويو آهي ته پاڙيسري جو ڇا مطلب آهي؟ ائين سڀ گهرجون جيڪي هڪ اعليٰ اخلاق جي دائري ۾ داخل ٿين ٿيون اُهي سڀ رسمون موڪلائي ويون آهن، انهن جو وڏو سبب مغربي طرز حيات آهي، جنهن اسان جي نئين نسل کي داغدار ڪري ڇڏيو آهي.

هڪ نياڻي مائٽن جي رضامنديءَ کان سوا سڄي زندگيءَ جو فيصلو پاڻ اڪيلي سر ڪري ڇڏي ٿي، جن والدين سڄي عمر ان کي وات مان گرهه ڪڍي پالي نپائي ان لائق بڻايو، گهٽ ۾ گهٽ صلاح ۾ مشوري جي قابل به نه سمجهيو، وري به سڀ سهارا ڇڏڻ جي صورت ۾ آخري سهارو ابوءِ امڙ ٿين ٿا، اهي سڀ خطائون معاف ڪري ڇڏين ٿا.

ائين هڪ بالغ ۽ نابالغ جي جهيڙي به وڏو ستياناس ڪري ڇڏيو آهي، اهو سڀ رابطا ختم ٿيڻ جي ڪري آهي، رابطو گهٽ ٿي ويو آهي والدين جو اولاد سان ۽ اولاد جو والدين سان، هڏ ڏوکي ماڻهن جو غربا فقراء سان ۽ امراء وزراء جو پنهنجي عوام سان، جيئن بس اسان خوش آهيون اسان وٽ پاڻي پهچي پيو ڪيئن پهچي پيو عوام ڄاڻي پئي، اوهان جي گاڏي ۽ گهر ڪيئن پيو هلي سڀ ڄاڻن پيا پر لٽ چٽ جي سامهون سر تسليمِ خم آهي، اها خاموشي عدم تحفظ جو ڪارڻ بڻجي ٿي پوءِ ڪيترائي سوال جواب ملن ٿا سماج ۾.



# رُسي نه راجا ۽ ڪُٺي نه سيٺ

جڏهن هر طرف طوفان، توائي جا واڄٽ وڄائيندا، ته پوءِ هر هنڌان گدڙن جون اونائيون ۽ گوڙ ٻڌڻ ۾ ايندو، وري ٻگهڙن جا پريل پيپ ۽ ڏڪارون، شينهن جا خالي پيٽ ڪنن تي هٿ، اُهي سڀ انهي توانائي جي طوفان جا توشه ته آهن، ٻائيتال به ٻاويهه ڪلاڪ، باقي ٻه ڪلاڪ وڃي ٿيا خير، جڏهن سيٺ کي ڪوٺ نظر ايندي ته لوڙيندو وري ننيڙڙو گراهڪ، راجا ويچارڙو رسيو ته ڪونهي پر منجهيو ضرور هوندو، جڏهن اعلانيل الائونس به هزار جنهن تي سيٺ کي هونئن به هڪ سؤ اضافي ملي ٿو پر ڪٽل سيٺ ساڍا ڇهه سئو رپين جي ڪاٽ پيٽ ائين ٿو ڪري ڇڻ پيٽرول جو سڄو چڪتو حساب ان کي انهيءَ الائونس مان ڀهارٽو آهي. جيئن ڪانٽي وارا ڦٽي ڪاٽن جو ريٽ ٻئي ڪاٽي کان وڌائي رکن ٿا، گراهڪ ڏاڍو خوشيون پيو ڪري، پر وزن جي تور ۾ هيراڦيري ۽ ڪاٽ جي جڏهن خبر ٿي پوي ته دماغ ٽڪاڻي تي اچيو وڃي، لکن جا نقصان ڪکن وارن کان پورا ڪرڻ ۾ پورا آهيون، پوءِ محلات وارن جا معاملا ڪنهن جي حوالي ڪريون، چريا ٿي چئون يا مجنا بڻجي ميارون هٿون هيوڇيون هٽڻ وارن کي.

جيئن ٻهلول دانا کي قبرستان ۾ ڏسي خليفه هارون رشيد پڇيو ته ٻهلول ڇا پيو ڪرين ويرانن ۾، ٻهلول چيو ته، هي قبرون قيامت تائين ترسائين ٿيون، اوهان جو محل فقط زندگي تائين، پوءِ نيڪالي ڏيو ٿو ڇڏي، خليفي جي دل تي وڏو اثر ٿي پيو، خليفي چيو مونکي ڪا نصيحت ڪر، ٻهلول چيو اي خليفه! اهڙو تون وٽ ڏيڻ لاءِ ڇا آهي؟ چيائين جيڪو گهر آئون ڏيان، ٻهلول چيو، خليفه منهنجي زندگيءَ کي

وڏائي ڏي، ملڪ الموت جي وقت منهنجي سفارش ڪجان، ۽ قيامت جي ڏينهن مون کي جنت وٺي ڏجان، ۽ خليفو ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. بهلول! هي منهنجي وس ناهن. پوءِ چيائين ته تنهنجي بادشاهي ڪهڙي ڪم جي، اڄ ته منهنجي بادشاهه جي پناهه وٺ. راجا جي هٿ ۾ جيڪڏهن رڳو روئڻ ئي بچيو آهي ته باقي رياءَ ته هونئن ئي روئي پئي، ڪٿل سيٺ ڪٿ تي ٻه ويٺي ويٺي حساب ڪتاب ڪري پيو ٻين جي پيٽن مان ڪيڏي ڪجهه پيپ ۾ هٽجن اسان موجوده وقت ۾ اهڙن سيٺن جو شڪار آهيون جيڪي سوداگر آهن اسان جي خوشين جا، اسان جي فڪرن ۽ فلسفن جا، اسان جي آسانين ۽ پلائين جا، واپسيءَ ۾ غميون ۽ ڏک بخيلون بي آراميون، غلط مشورا، انهيءَ جو ڪارڻ اهو ٿو ويهي نه راجا کي خبر ٿي پوي نه سيٺ کي ڪا سڌ. باقي ته ولوڙو ته ولوڙي پيو ۽ عوام ويچارڙي لوڙي پئي.



# پٽر ڪير پنڌ ڪري

منزلون ڏورڻ سان ملنديون آهن، جيڪڏهن مارڪوپولو ٻاهر نه نڪري ها ته ڪيترائي ٻيٽ اڻڄاتائين دريافت ڪيئن ٿي سگهن ها، شاهه پٽائيءَ ٿر بر جو سفر نه ڪري ها ته، ڪاريون ڪنڊيون، لُلر، مريڙو وغيره ٻاجهيون ۽ اناج جو ذڪر ڪٿان ملي ها، سسئي جي جهنگ نه جهاڳي ها ته جبلن ۽ اٿن جا نالا ڪير ڳڻائي ها، عمر سومرو مارئي جي ڪوهه هلي وڃي راتاهو نه هڻي ها، ته اڄ ٻالوا ۽ مارئي جو ڪوهه ڏسڻ ڪير وڃي ها، جيڪڏهن ڪارونجهر تي مور ٽلڻ چڙهي ڏئين، پوءِ ڪاري ڪڪر جي ڇانوَلي ۾ ڇوڪرا پارٽي پڪنڪون ڪيئن ملهائين ها، ڄام تماچي نوري کي ڏسڻ لاءِ جيڪڏهن ڪينجهر تي هلي نه وڃي ها ته، اڄ مڇين جا قسم ۽ ان جون واڪاڻون، مهاڻن جون ڪهاڻيون وري ڪينجهر جا ڪنارا ڪشي ڪير ڪري ها، سهڻي جيڪڏهن ڪچي دلي مٿ چيلهه تي نه رکي ها ۽ درياهه جي ڪاري ڪن ۾ ٽپو نه ڏئي ها ته اڄ درياه جي گجگوڙ ۽ دهشت اونداهي، هڪ دوست جو ديدار ٻيو درياهه جون ڇوليون، وري سهيلين جو حسد ۽ هوڏ، اُهي سڀ پروليون اڄ ڪير ٻجي ها، جيڪڏهن جهوناڳڙهه ۽ گرنار جا ڪن ڪٽ ڪاپڙي سنياسي فقير راز نياز نه ٻڌائين ها ته رامڪلي بازار ڪيئن ڏسجي ها، جيڪڏهن سفر نه هجي ها ته هاروت ۽ لاهوت لاهوتي ڪيئن ڪاهين ها، سيوهڻ ۾ حضرت لعل شهباز قلندر رحمت الله عليه جيڪڏهن نه پهچي ها ته، سيوستان ڏانهن ڪير اچي ها، جيڪڏهن يثرب کي مدينه منوره ٺاهڻ وارو رحمت العالمين صلي الله عليه وسلم هجرت نه ڪن ها ته اڄ دلين تي اُهي نقش ڪيئن چٽجن

ها، جيڪڏهن بيبي حاجره ۽ اسماعيل عليه السلام ويران وادي نه پهچن ها ته اڄ مڪو ۽ آبِ زم زم ۽ حج بيت الله ائين ڪيئن فرض ٿين ها، سڄو جهان سفر آهي ۽ سفر زندگي آهي، زندگي خود سفر آهي، پيدائش کان قبر تائين ۽ قبر کان محشر تائين سڀ سفر ئي سفر.

جيئن اڄڪلهه هڪ غريب سفر ڪرڻ شروع ٿو ڪري خوشحالي ۽ امير ٿيڻ لاءِ، جيئن مزدور صبح بغير ناشتي جي پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ پالڻ لاءِ سفر ڪري ٿو پورهئي هٿ ڪرڻ لاءِ، ائين هڪ طالبِ علم عِلمُ حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ شهر کان ٻئي شهر لاءِ سفر تي اُسري ٿو ائين اليڪشن ۾ اميدوار سفر ڪري ٿو ووٽرن لاءِ ڪامياب ٿيڻ لاءِ، ائين هڪ واپاري جلدي گهڻو ڪمائڻ لاءِ ملاوٽ جو سفر ڪري ٿو، ائين هڪ حسدي جلديءَ ۾ حسد جي ساڙ ۾ جلڻ جو سفر ڪري ٿو، بغض رکڻ وارو به وسان ڪو نه ٿو گهٽائي متبادل کي مات ڏيڻ لاءِ ايستائين جو سڳا ڦيٽا ۽ دم شوڪارن جو به سفر طئي ڪري ٿو جيئن جديد سوارين جو فائدو وٺندي شوقينن جا ڪٽنب گرمين ۾ ٿڌاڻ وارين وادين ڏانهن سفر ڪن ٿا، وري انجواءِ ڪرڻ وارا لشڪر پڪنڪ پوائنٽن ڏانهن سفر ڪن ٿا، ائين وري زائرين تاريخي مقام ۽ مقدس مقامات جو سفر ڪن ٿا، پر اڄڪلهه اسان سڀ فلحال مهانگائي جي ڳالهين جو سفر ڪريون پيا، جيئن عام واهپي واريون شيون وڏي اڏام ۾ پرواز ڪن پيون، بس انهن کي نهاري خوش پيا ٿيون، جيڪي ڪلهه اسان جي پهچ ۾ هيون اڄ اُهي اسان کي ٻي پهچ ٻڌائي سفر تي نڪري ويون آهن پر اسان پوءِ به سفر ڪريون پيا هر طرح جو.



# چٽيهه لڇڻ

چون ٿا ته پيرن ۾ انسان جا چٽيهه لڇڻ لڪل آهن، چٽيهن تي چٽڪا چڙائي ڇڏيا، باقي لڇڻن وارا لِڪڻ ۾ پورا، هر طرف هاءِ گهوڙا ٻڌئي ڪو نه ٻوڙا، بس ڪنن تي هٿ يا ڪڇه ڳالهه مڙئي ڳڙ، پيرن اگهاڙي ڪاوڙ ۾ پيرن ۾ هٿ وڌو ته پر وارن ٺمڪ ڏنا ۽ چيائون ته پيرن ۾ ڪجه پاتل ڪونهي، تڏهن چيائين ته چڱو ٿيو جيڪڏهن پاتل هجي ته توهان ٺمڪ ڪو نه ڏيو ها پر هيستائين پهچي به ويو ها.

جنهن جن غيبات جو خوف خالو هوٽل وارو ٻارڙن کي ڏئي سمهاريندو هو، اهو جن غيبات خود بوتل مان نڪري ٻاهر اچي ويو آهي، رات جوٽس چيس ته ٻارڙا انتظار ۾ آهن ڪو خوف ڏي جنن ۽ غيبات جو هڪل ڪري چيائين ته ٻاهر نڪر اهو جن توکي پيٽرول پمپن تي ملندو.

اڳئي چوندا هئا ته جنهن کي امڙ جي پِٽَ اهو فلاڻي محڪمي ۾ پرتي ٿئي، هاڻي وري نئي ڪهاوت آئي آهي، الله ڪري تون پيٽرول پمپ تي وڃئين، جديد دور جو اها وڏي پِٽَ ۽ پاراتو آهي.

اڳئي چئبو هو ته اُٺُ چٽيهه ٻوٽيون ۽ ٻڪري ٻتيهه ٻوٽيون کائي ٿي، پر هاڻي ته پيٽرول پمپ تي پهچڻ وقت عام حلال ڪمائڻ واري جا سڀ عضوا ئي اگهه ٻڌڻ شرط ڪائيجيو وڃن.

ٽريڪٽرن تي نظر وجهيو هاري ويچارڙا چون ٿا ته بهتر آهي اسان پاڻ هر ۾ هلون، سواري وارا جانور به مهانگا، چاچو خدن ۽ فقير فتن به رڪشي تي وڃڻ ڇڏي ڏنو لوفر رولو اولاد به هاڻي وڏو صابرين تي ويو آهي، هڪڙي ئي چٽيهن چٽي جا ڪير ياد ڏياري ڇڏيا، لڇڻ ته لڙهي ويا.

مفت وارا ۽ فري وارا پيٽرول استعمال ڪري سگهن ٿا، باقي ٻين ڪي جان جوکي ۾ نہ وجهڻ گهرجي، گهٽا ٽٽا شوقين گهمڻ ڦرڻ ڪان نٽائي ويهي رهيا، باقي چاچي چيڙ ڪلهہ اعلان ڪري ڇڏيو تہ هاڻي ڪنهن بہ قسم جو سٽڀ استعمال ڪرڻ حرام قرار ڏنو ويجي، باقي ان ۾ اٽي لاءِ ڪو متبادل ڳوليون ٿا، چيائين پئي تہ آفريڪا ۾ هڪ مائي کي اسان فيس بڪ تي مٽي چيڪي جون مانيون پچائيندي ڏٺو آهي، پر مٽي چيڪي ٻنن وارن ڇڏي ڪونهي باقي ڪلر ڪارو تہ گهڻو پيو آهي، دل چاهي تہ ليپ ڪريو. جيڪي چون مهانگائي ٿي ويئي آهي، مهانگائي وارو جملو هاڻي ڊڪشنري مان ڪڍي ان جي جڳهہ تي خودڪشي لکو ۽ پڙهو تہ اڳيان هرڪو سولائيءَ سان سمجهي ويندؤ باقي کير جي جڳهہ تي ڪاري چانهہ چڱي رهندي، پر پتيءَ جي جڳهہ تي بہ ڪا ٻوٽي وغيره آڻبي، جمن جڳاڙي کوجنا ۾ لڳو پيو آهي، ڪافي نئيون ايجادون ڳولي ايندو اوهان فڪر نہ ڪريو.

چاچي چيڙ چيو تہ هي مسڪين مار بم آهي، تڏهن گهٽين ۾ اُهي غربا ۽ مسڪين جتي ڏسيو پهچيو وڃن، سياسي ونگار هجي يا ڪو ٻيو شغل هجي ۽ هر احتجاج ۾ بہ اڳيان ئي اڳيان، بس هيءَ مهانگائي جو بم نہ ڪندو ڪو دونهون فقط مسڪينن جو دم گُهٽي ڪيڏيو نہ هوندو باس نہ وڄندي بانسري، بس غريب ۽ مسڪين ئي آهن، جن هنن سيني کي فيصلائتي منصبن تائين پهچايو آهي، هاڻي پنهنجو حشر پاڻ ڏسن، جتي ڏسو همراهہ نچڻ ڪڏڻ ۾ پورا، وڏيون گاڏيون اڄ بہ هلن پيون ۽ پوءِ بہ هلنديون پيون، پر موٽرسائيڪل ڪو نہ هلندا، وڏا ۽ وڏن جا اوطارا ۽ دعوتن تي فرق ڪو نہ پوندو، پر اوهان هاڻي سٽڀ ڪائڻ لاءِ سڪندا، بس اٿو يا گهوٻاتو بس اهو جانچٽو اوهان کي آهي.



# يرغمال ياريون ۽ يارڙا

جڏهن ڪنهن کي قيد ۾ بند ڪرائبو آهي تہ ڏوهہ نہ هئڻ جي باوجود جڙتو هٿ ناڪ ٺاهيو ويندؤ آهي، جنهن جي جيتري پهچ هوندي اهو اوترو ئي ڪو نہ ڪو هٿرادو مواد هٿيڪو ڪندو يا دوستن جون مددون وٺندو، جيڪڏهن ڏوڪڙ آهن تہ انهن جو استعمال ڪيو ويندو، جيڪڏهن ڪا سورس ۽ فورس آهي تہ اها لازمي ميدان تي آڻيندو، پر جيڪڏهن ڪو ونگاري ملي ويو تہ واهہ واهہ، پر دشمن کي سيڪت ڏيڻ ڪري سڀ وسيلا ڪتب آڻبا.

ائين جڏهن ڪنهن معاشري کي قيد بند ڪرڻو پوندو آهي تہ پهريان انهن جي ذهنن کي تالا هڻي ٻئي طرف ڌيان ڇڪائي انهن کي مفلوج ڪرڻ لاءِ سڀ وسيلا استعمال ڪبا آهن، هميشہ ائين ٿيندو آهي، جيئن ڪو وڏيرو ڪنهن پاڙي کي مفلوج ۽ قيد ڪرڻ لاءِ آس پاس جي چڱن سان هٿ ملائي واسطا وڌائيندو ۽ وڏي اڳتي آفيسرن سان سلامي ٿيندو، ڪوشش ڪندو ڪو ٻيو منهنجي سامهون اڀري نہ اچي، ائين هر واپاري، هر ڪاروباري زندگيءَ جي سيني روزمره ڪمن سان لاڳاپيل همراهہ پنهنجن پنهنجن منصبن تي قابض ٿيڻ لاءِ اهڙا سڀ حربا استعمال ڪندا آهن ۽ ڪندا رهن ٿا، پوءِ دين ڌرم هجي يا سياست يا دنيا جي ليول تي پاور ڦل غريب ملڪ ڇو نہ هجن، وڏا

هميشہ ننڍن جو رت چوسڻ جا ماهر هوندا آهن. جيئن ڏسجي پيو دنيا جي چوگرد چڪرن کي.

جڏهن پاڪ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم دين اسلام جي تبليغ جو آغاز ڪيو سائين جن ڏانهن وڏنڊڙ انسانن جي رجحان ان وقت جي نيڪيدارن لاءِ وڏو عذاب برپا ڪري ڇڏيو. انهن بہ سائين جن جو سوشل بائيڪاٽ ڪيو. ايستائين سخت پابنديون لڳرايون ويون جو امڙ خديجہ رضہ جيڪا هڪ عرب جي وڏي مالدار عورت ليکبي هئي، امان وٽ هڪ مٽيءَ جو برتن پاڻي وارو ۽ هڪ هنڌي بچي، هڪ ڏينهن اُهي ڪنهن سبب ڪري ٽٽي پيا، امان کي ٽانوَ ناهڻ ڪو نہ ڏنا ويا، امان بک افلاس جي ڪري بيمار ٿي پئي، پر علاج لاءِ رقم نہ هئي، ٻارڙن جي روئڻ جو آواز مڪہ جي قريشن تائين پهچندو هو پر هو دل جا پٿر ڏيان ڪو نہ ڏريندا هئا.

حضرت سعد رضہ کان روايت آهي تہ هڪ رات هو پيشاب ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتو تہ جتي ان جو پيشاب ڪريو پئي اتي ڪنهن شيءِ جي آواز پئي آيو جڏهن ان کي هن کنيو تہ اها شيءِ هڪ اٺ جي چمڙي جو هڪ خشڪ ٽڪرو هو حضرت سعد رضہ ان کي کنيو ۽ ان کي پاڻي ۾ صاف ڪري، پچائي ڪري پاڻي ۾ وجهي تي ڏينهن تائين کائيندو رهيو پر سمجهوتو يا مصلحت ڪو نہ ڪيائون، ڇاڪاڻ تہ انهن جو حدف پاڪ ڪريم صلي الله عليہ وسلم ۽ ان جو پيغام هو جيڪو انهن لاءِ ڏکوئيندڙ هو ڪنهن وسيلي سان انهن کي بند ڪرڻو هو. پر دنيا ڏٺو اهڙو اخلاقي قدرن وارو جهان جڙيو جنهن جو مثال ڪٿي بہ نہ لڀندو، ان کانپوءِ بہ انهن عظيم هستين سان جنهن کان بہ سماج جي سوداگرن کي ڪو خوف محسوس ٿيو پوءِ اهو ڪربلا جو



ميدان هجي يا انهن جا جانشين ڇو نہ هجن جيڪي بہ انهن سوداگرن جي راهہ ۾ آيا انهن سان گهٽ نہ ڪيو ويو اڄ بہ جتي جنهن ملڪ ۾ انهن سوداگرن کي ڪو خوف خطرو محسوس ٿئي ٿو تہ اهو انهن جو گلو گُهٽڻ لاءِ انهن مان پنهنجا خريد ڪيل غلام انهن تي حاوي ڪرڻ لاءِ سڀ جتن ڪن ٿا، پوءِ اُهي راتاهي هٽڻ کان وٺي گلو گُهٽڻ کان وٺي محلن تائين پهچايا وڃن ٿا. نقصان وري بہ سماج کي بک ۽ افلاس جي روپ ۾ ڀوڳڻو پوي ٿو. پوءِ سڀ ياريون ۽ يارانا مفادن جي قيد ۾ اهڙي زندان ۾ اڇلايا وڃن ٿا جتان وري ڪو بخت جاڳي يا شعور جو ڪو واچوڙو ورائي سڀ غربتون ۽ مسڪينيون ڪيڏي. ڪو ڪکر ڪرم جو وسي پوي. ڏيهہ تان ڏُڪار جا ڏمر لهن. هر طرف ڪو خوشحالي جو واءُ وري.

# گونگن جي گجگوڙ، ٻوڙن ڪپھ ڪنن ۾

دنيا ۾ هميشہ سچ ۽ ڪوڙ جي ويڙهہ ۽ ڪمزور ۽ زورآور جي چٽاپيٽي ڪا رواجي ڳالهہ ناهي، ائين ٿيڻ ڪائنات جي فطرت ۾ شامل آهي، جيئن جمهوريت وارن ملڪن ۾ احتجاج ۽ ڌرڻا لڳندا رهندا آهن ۽ اهو عوام کي انهن جمهوريت پسند ملڪن جي قانونن تحت پنهنجا پنهنجا ويچار ونڊڻ جو موقعو فراهم ڪيو ٿو وڃي.

چون ٿا دونهي کي گهٽو گهٽبو ۽ ڪمري ۾ بند ڪبو يا ڪنهن هنڊي ٻاڦ کي گهڻي دير تائين بند ڪبو تہ اها ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ضرور ڪندي، جيڪڏهن نڪري نہ بہ سگهي تڏهن بہ ڪمري جون ديوارون ۽ پيل سامان ۽ هنڊيءَ جو ڍڪ ان جا پهريان نشانا بڻبا، پر جيڪڏهن ان دونهي کي ٿوري گهڻي جڳهہ ملندي تہ اهو گهڻي دير تائين ساهہ ٻوساٽي نٿو سگهي.

ائين جيڪڏهن ليڊر پنهنجي ڪارڪن ۽ عوام جي نڪرندڙ ۽ ڦُٽندڙ دونهي تي ٿورو گهڻو ڌيان ڏيندا ايندا تہ انهن کي هڪدم گهڻي دونهي (تنقيد) جو مقابلو ڪرڻو ڪو نہ پوندو، پوءِ دونهي جي وڏي وڃڻ جي ڪري تيز پاڻيءَ جا ڦوهارا يا ڪمرن جي ڇت ۽ ديوارن کي ڍاهڻ، اهو ڪو سٺو متبادل ڪم ناهي.

حضرت ابوهريره رضہ جيڪي اصحابِ صفہ ۾ شامل ٿين ٿا، ان کي مديني شريف جو گورنر مقرر ڪيو ويو هڪ ڏينهن پنهنجي مٿي تي ڪاٺين جو ڀاڪر کڻي بازار مان گذريو پئي، ثعلبي رضہ بن مالڪ کي رستو ڇڏڻ جو چيو. ثعلبي رضہ جواب ڏنو الله سائين اوهان تي رحم فرمائي، ڇا هيءَ بازار اوهان لاءِ تنگ آهي ڇا؟ حضرت ابوهريره رضہ جواب ڏنو تہ الله جا بندا رستو آئون گورنر جي پٺيءَ تي رکيل ڪاٺين جي



ڀاڪرن لاءِ گهران پيو حضرت ابوهريره رضہ گورنر مقرر ٿيڻ کان پوءِ آرائشن کان پاڪ رهي ڪري اڪثر چوندو هو تہ، "شڪر آهي ان خدا جو جنهن دين کي زندگيءَ جو ضابطو بڻايو ۽ ابوهريره رضہ کي مسلمانن جو امير ناهيو".

پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم جڏهن رياستِ مدينہ جو وجود وڌو تہ پاڻ رحمت العالمين صلي الله عليہ وسلم ميثاق مدينہ جو دستور ڏنو جنهن جا اٺ پوائنٽ هئا، ان مان هڪ پوائنٽ هيءَ بہ هو "سڀ هدايت يافتہ مسلمان ان شخص جي خلاف هوندا جيڪو انهن سان زيادتي ڪندؤ ۽ مسلمانن کي پاڻ ۾ فساد برپا ڪندؤ چاهي اهو انهن جو اولاد ڇو نہ هجي"، سوچڻ جو مقام تہ نفرت ۽ فتنہ انگيزي کي ننديو ويو ۽ انصاف جو بہ چيو ويو آهي.

هڪ دفعي ڀريل مجلس ۾ ڪنهن پاڻ صلي الله عليہ وسلم کي بي ادبي مان هڪڙي يهودي جو قرض واپس ڏيڻ جو چيو، حضرت عمر رضہ ان گستاخي ڪرڻ تي ڪاوڙ منجهان اڳتي وڌڻ جي اجازت پئي ورتائين، پر پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم فرمايو "اي عمر رضہ! اسان چاهيون ٿا تہ حسنِ اخلاق جي تلقين ڪجي ۽ منهنجي قرض ادائگي جو بندوبست ڪيون ٿا، پاڻ رحمت العالمين صلي الله عليہ وسلم ان يهودي کي قرض کان وڌيڪ رقم ڏيڻ جو حڪم ڪيائون، اهو ئي اسان جو اصل دستور هو، پوءِ جڏهن ڪنهن لاچار کي ٻڌو نٿو وڃي ۽ معاشرو ان کي حقارت جي نظر سان ڏسي ٿو، پوءِ اهو خاموشي ضرور اختيار ڪري ٿو هڪ گونگي وانگر، جيئن مسلسل عوام پنهنجي ليڊرن جي اڳيان ۽ انهن جي خوف وچان وقتي طرح سان تہ ماٺ ڪن ٿا پر جڏهن انهن کي ڪٿي ڪو پليٽ فارم ملي ٿو وڃي تہ اُهي سامهون سيني سورن سان اچيو وڃن، پوءِ ٻوڙي سماج کي ڪپھ ڪنن تي رکڻ بهتر آهي تہ هاڻي کان انهن گونگن جي گوڙ کان پاڻ بچائين.

# پاڙيو ويٺي پاڙ

دوکن جي دنيا ۾ دغائون بغير گهرڻ جي ملي ٿيون وڃن، پر وفائون ڏيڻ سان بہ وفائون ملڻ وڏي مشڪل آهي، ائين عمل جي ميدان ۾ سرگرم سوين، پر پاڙڻ وارن جا پاڙا پري پري تائين ڳولبا رهندا پر اميدوار گهٽا اميدون گهٽ، ها ۾ ها هر ڪو هٽيو ويندؤ پر وقت تي ڪنڌ ڪون ڪٽندو جڻ ڪو پڳل هجي، نراڙ تي لڪيل لڪيرن جا ليک پنهنجي جڳهہ تي پر نياڳ وارا ڇهرا پري ڪان پڌرا.

ڪلهہ جڏهن خالو هوٽل واري تي هڪ جرد مرد ڪنهن جوانڙي ڪان پڇيو جنهن ڪي امڙ ڏاڍو پائيندي هئي، پڇائين تہ مونکي خبر پئي آهي تہ توهان جي امڙ نيڪ ڪونهي، تڏهن ڪياڙي ڪي ڪنهڻ لڳي ويو، چيائين مون بہ ٻڌو آهي، پر ٿورڙو بہ شرم منهن تي ڪو نہ آيس، جنهن جي ڪُک ۾ پلجي وڏو ٿيو جنهن جي خرچين تي ڪيل ڪيائين، شادي ڪرائڻ لاءِ ابي ڪي راضي ڪرڻ لاءِ بہ امڙ ڪي اڳتي آندائين، امڙ جا سڀ ٿانوَ ٺڪر ۽ سون سينگار ڪنيائين، مائٽاٽي گهر تي قابض ٿي پنهنجي گهر واري جي چوڻ تي امڙ ڪي بہ نيڪالي ڏنائين، پوءِ بہ جڏهن ٻڌائين تہ امڙ ڪي ڪٿان حصو پتي مليو آهي تہ ويجهو وڃي اهو بہ کسيائين، اڄ پوئين پساهن ۾ علاج ڪرائڻ تہ پري جي ڳالهہ پر پڇڻ بہ گوارا ناهي، جڏهن اهڙا نمونا نروار ٿيندا تڏهن زميني ۽ آسماني ڏمر ڪان فقط ڪن صالحين جي ڪري رب العالمين ڪو ڇوٽڪارو ڏي، باقي ڪرتوت ڇوٽيءَ چڙهي ويا آهن.

حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رضہ ڪان روايت آهي تہ پاڻ رحمت العالمين صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ،



”الله سائين جي رضامندي والدين جي رضامنديءَ ۾ آهي ۽ الله سائين جي ناراضگي والدين جي ناراضگيءَ ۾ آهي“. (ابن ماجہ).

حضرت ابو هريره رضہ ڪان روايت آهي تہ هڪ ماڻهو پاڻ رسول الله صلي الله عليہ وسلم ڪان دريافت ڪيو تہ مون تي خدمت ۽ حسنِ سلوڪ جو سڀ ڪان وڌيڪ حق ڪنهن جو آهي؟ پاڻ رحمت العالمين صلي الله عليہ وسلم فرمايو،

”توهان جي امڙ جو، آئون وري چوان ٿو اوهان جي امڙ جو، آئون وري چوان ٿو اوهان جي امڙ جو“ (ترمذي)

ڪافي حڪم آهن اسان تي انساني حقن ۽ قدرن جا پڻ، پر هن وقت وڏو ظلم ڪيو ٿو وڃي رشتن جي انهن پاڪيزه ناتن سان، اهو ئي اسان جي تباهيءَ جو ڪارڻ آهي، جيڪو وري اسان ڪي دنيا ۾ واپس ڪرٽو ٿو پوي مور وياجن سميت، جڏهن اسين انهن ناتن سان نڀائي نہ سگهياسين پوءِ اسان دنيا جا ٻيا واسطا ڪٿي ٿا پڄاڻي تي پهچايو، اهڙن واپاري واسطن ڪان پوءِ ڀلا ڪنهن خير خواهي جي خيرات ڪهڙي پائبي.

# ڪٿيو کائيجي، ونڊ نہ کائيجي

امانت ۾ خيانت، ايمان جي ڪمزوري آهي، امانت ايمان آهي، ايمان هڪ خزانو آهي، جيڪو ڪڏهن بہ کٽندو ناهي، هيءَ زندگيءَ عارضي بہ آهي ۽ زندگيءَ ڏيڻ واري جي امانت آهي، جيڪا هڪ ڏينهن وقت مقرر تي نہ چاهيندي بہ موٽائڻي آهي، زندگي جي مقرر وقت ۾ ڪجھ قائدا ۽ قانون جوڙيا ويا آهن، هر مذهب ڌرم ۽ ملڪن جي سطح تي، پر اسلام ۾ ان جي قائد جيڪو دستورِ زندگي جوڙيو ان تي عمل ڪري پاڻ قائدِ انسانيت ۽ رحمت العالمين صلي الله عليہ وسلم پاڻ بہ ڪري ڏيکاريو ۽ پاڻ صلي الله عليہ وسلم جي پوئلڳن بہ ان تي عمل ڪرڻ جو هڪ مثال قائم ڪيو.

موجوده دور ۾ جڏهن ڪو بہ انسان، ذاتيات تي لهي پوي هڪ سچي موري پنن سميت کائي وڃي، جيڪڏهن ڪنهن منصب تي ويٺل آهي انهيءَ منصب جو غلط استعمال ڪندي سچو ناڻو نوڙهو (نهيل ڪم ڦٽائڻ) ڪري ڇڏي، پوءِ چوي تہ سچو جهان گنجو بڻجي ويو آهي، جيئن ڏنو ويو آهي ڪجھ ڪامورا لاوارثن ۽ يتيمن جي امداد ۽ بيت المال کي بہ چٽ ڪريو وڃن، ائين سڀ ورهاست هڪ ئي هٿ جي ور چڙهيو وڃي، بي پهچ هر تقسيم کان پري ٿيو وڃي، پوءِ افراتفري جو شڪار عام ماڻهو يا تہ انهن چورن کي چور سمجهي ۽ چور انهن کي ڪاٽ ۾ وجهن، يا تہ پوءِ اهو عام بي پهچ انسان انهن جا ٺٺ ۽ ٺانگر ڏسي انهن چورن کي پنهنجو آئيڊيل ٺاهي پاڻ ان گيم ۾ شامل ٿي وڃي، پوءِ جنهن کي جيڪي هٿ اچي. پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ.



”يتيم جي مال جي پاسي بہ نہ وڃو ايستائين جيستائين هو جوان ٿين“ (بخاري34:17).

”ماپ تور صحيح ڏيو ۽ پورو پري ڪري ڏيو اهو طريقو آهي هر طرح کان“. (بخاري 36_35:17).

”ڪنهن بہ اهڙي شيءِ جي پويان نہ لڳو جنهن جو اوهان کي علم نہ هجي، يقينن اک، ڪن، نڪ ۽ دل کا پڇان ڳاڇا ٿيندي“. (بخاري 36_:35:17).

واعدي جي پاسداري ڪريو بيشڪ عهد جي باري ۾ اوهان کان پڇيو ويندو ائين پاڻ رحمت العالمين صلي الله عليہ وسلم فضول خرچي ۽ بخل کي نديو آهي، اولاد لاءِ پريشان نہ ٿيو ان جو رزق رب وٽ آهي، غريب رشتيدارن کان وٺي، مسڪينن ۽ يتيمن سان نرميءَ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

اج اسان جڏهن اُهي سڀ اصول ڇڏيا تہ ڪنهن فرد جي بہ ڪيترو حرام کائڻ باوجود طلب ۽ پورت نٿي ٿئي، اجان اجان جي پويان ڊُڪندي ڊُڪندي وڃيو قبر ۾ پوي، پر ٻين کان بہ جيئڻ جو حق کسيو ڇڏي، ظاهري مسلمان چوائڻ ۽ نيڪ، حاجي نمازي سڏائڻ سڻي ڳالھ آهي، پر هرڪو ماڻهو دين جي لوازمات تي عمل کان ائين ٿو ڪيٻائي جيئن ڪوئو ٻليءَ کان ۽ ٻلي وري ڪتي کان، ڇرڪ ٿي کائي؟ چوجو بي ايماني ان ۾ گهر ڪري ويهي رهي آهي، بس ورچ پلي کائو پر ونڊ کي ونڊ سمجهو سيئي هڙپ نہ ڪريو اوجهري ڪو نہ اٿئو، آنڊو اٿئو متان اپينڊڪس نہ ٿي پوي، سچو ننڊو وڏو آنڊو چٽ نہ ٿي پوي.

# گهورِي! اَڏِ مَ گهرُ

جڏهن ڪنهن شيءِ ڪي وقت ڪان اڳ ۾ طلب ڪبو تہ ضرور انتظار بہ ڪبو. پسند ۽ ناپسند جي رت لڳائڻ سان هَڙَ حاصل ناهي ٿيندو پر عشق ۾ چلا ڪاٽڻا پوندا آهن. جيڪڏهن بغير چلن جي محبوب ملن تہ غارِ حرا ڪان وٺي, (پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم هڪ سنت جوڙي ڏيکاري), علي سائين عليہ السلام جو پاڻ صلي الله عليہ وسلم جي بستري تي سمهي پوڻ, ڪان وٺي ميدان ڪربلا ڪان ٿيندي جهوڪَ شريف. وري بلاول جو گهاڻو, منصور جي سوري, اُهي سڀ الفت جا اهڃاڻ آهن. وري انهن تي دنياوي ماڻهن جا الزام ۽ مختلف شوشا ڇڏڻ, جيئن اُهي پنهنجي مقصد تان هٽي پون, پر جيڪي سچا هئا انهن ملهايو ۽ هڪ تاريخ رقم ڪري ڪامياب ٿي ويا. جيڪي رڪاوٽون ڏسي رڪجي ويا اُهي راهہ ۾ رلي ويا, ۽ وقت مقرر تي ملڪ الموت پهچي ويو, جيڪا زندگي انهن بچائڻ پئي چاهي, اها وري بہ هٿن مان هلي ويئي, بس هڪڙي سوچ هئي جنهن انهن کي غافل ڪري وڌو.

اڄڪلهہ جا جيتامڙا نوجوان عشق جي ڳالهڙي ڪريو تہ ڇڏين تا پر ان کي نفساني خواهشن ۾ قيد ڪرڻ چئبو جيڪڏهن انتظار گهٽو ٿيو تہ پوءِ بغاوت ڪندا معاشري سان ۽ رواجن سان پوءِ يا تہ چريا ٿيندا يا منشيات واپرائيندڙن ۾ شامل ٿي ويندا. يا وري انت آڻيندا زندگيءَ جي ڏيئي جو ڪندا اونداهي پاڻ لاءِ ۽ پنهنجي ابي ۽ امڙ لاءِ, اهو ڪو حل ناهي, مقصد حاصل ٿيڻ مقصود نہ هئڻ ڪپي پر مسلسل ان جي پوئواري ۽ جستجو ڪرڻ ئي ڪاميابي نصيب ٿيندي



آهي, ضرور ضربون زور واريون لڳنديون, هڪ چور چوري ڪرڻ لاءِ ڪيڏو نہ مٿو ماري ٿو ڪري, وري پڪڙجي پوڻ جو خوف بہ الڳ, هاڻي تہ خير چوڪيدار بہ چور ٿي ويا آهن ۽ پاڳيا خود پير ڪٽن پيا ۽ پيرن جا نشان وري سندن گهرن مان نڪرن, هاڻي خبر نٿي پوي تہ چور ۽ چوڪيدارن جي سڃاڻپ ڪيئن ڪجي, قاضي بہ ويچارا انهيءَ ويچار ۾ ويڙهجي ويا تہ سزائون ڪنهن کي ڏجن, جيڪڏهن ڏجن تہ چور ٻاهر نڪريو وڃن وڏي سازش تحت پاڳيا پوڳيو وڃن, سي سي ٽي وي ڪيمرائون ايجاد ڪرڻ وارا پريشان تہ چور, چور ڪرڻ وارن جون تصويرون چوري ڪرڻ ۾ شامل, وري اُهي پاڻ منصب مُنصفيءَ تي جلوه گر, پوءِ ويچارڙو انصاف انڪاري نہ ٿئي تہ ڇا ڪري, جيئن سڀ ووٽر هڪ طرف, مخالفت جو ليڪو ئي ڍهي ويو, وري جيڪڏهن هوٽلن ۽ چوراهن تي جيڪڏهن ڏسجي تہ پوءِ هيءَ احتجاج ۽ ڌرڻا, تنقيدون ڇاجيون؟ يا ڪا وڏي مصلحت پسندي پئي ٿئي, يا ڪا دوکي بازي سماج سان, يا پنهنجو پاڻ کان بيزاري, پوءِ ڇو نٿو ائين چئجي, شاهہ صاحب جي بيت جيئن,

سُڪين ٿِيُ مَ سَنَرِي, پَسِي ڏکَ مَ ڏَرُ,
پَٿي ڳَر مَ پانهنجو گهورِي! اَڏِ مَ گهرُ,
مارِي! هڏِ مَ مَرُ, مَڇُرِڻ جِيُ جِيارِئين.

# جي لوڻُ لِڳَنِ لائِيين

جيئن تہ خدن خفتي تمام چالاڪ ماڻھو ليکيو ٿو وڃي، ھڪ دفعي اليڪشن جي ورڪ دوران پري محفل ۾ واھ واھ ڪرائي ڇڏيائين، ڇو جو مسلسل ھلڻ جي ڪري ڪٿي پڪوڙا ۽ ڪٿي وري پاپڙ. جيئن ڪٿي ڪنھن ھڪ پارٽي اديب لکيو تہ، "آئون نئون نئون پارٽي پارليامينٽ جو رڪن منتخب ٿيس، جڏھن اندر پھتس تہ ھڪ عجيب نحوست محسوس ٿي، ھڪڙا تہ سڀ پارليامينٽرين پوڙھا ۽ وري سڀ آلو گوبي گجر ڪائڻ وارا. بس چوطرف ڇھڇتا لڳل ھئا. رڳو دونھا ئي دونھا ھئا. وري بند ھال بس پکا ڦيرايو ڦيرايو مون کي نئون ڏسي منھنجي مٿان جڻ ڇتڪار پيا ڪن، سو بس خفتي خدن جو پاسو ورائڻ جڻ نعرو لڳو، پاسي ۾ چاچي چيڙ کي تہ ڏيجاري ڇڏيائين، پر وڏا شرارتي تولو مولو ٿوال وات تي رکيو پيا کلن ۽ خالو ھوٽل واري کي پيا چون تو وارو پاءُ يارو خان جي ڪاميابيءَ جو نوٽيفڪيشن خدن خفتي نعرو ھٽي موڪلي ڇڏيو وڏيڪ تنھنجو پاڳ. بس قاضيءَ قادن بہ ڪنڌ لوڏيو، ڪجھ ٺھڪڙا لڳا. پر خدن خفتي مُنھن جو ھونئن بہ پڪو، ڇو جو ان فيلڊ ۾ قسم ۽ ڪوڙ ڪرڻ ۽ ڳالھ کي ڦيرائڻ جو جيڪڏھن ھنر نہ اچي تہ پوءِ وڃي گھر جھلجي. ائين ضرور خدن خفتي جو پارو چڙھيو ھوندو، تڏھن چون ٿا تہ مرچ ڳاڙھا ۽ لوڻ ٿو لڳي، اصل ۾ مرچ ويچارڙا تہ ويا ھليا. ڪنري چون ٿا وڏي ايشيا جي مرچ



منڊي ھوندي ھئي، پاڻيءَ جي شديد کوٽ ۽ پاڻ ٻج جي مھانگائي ۽ ھارين جي اشو منڊي کي ويران ڪري ڇڏيو، انھيءَ جي جڳھ اسپنگر ۽ توريئي ڊالڊا ائين والاري جئين راڄن جي چڱن مڙسن جي جاءِ وات ڳاڙھن برگرن سنڀالي، بھرحال وقت تہ ھلڻو آھي ھلندو رھندو، ائين لوڻ ۽ لوڻ جون کاڻيون مشھور ھونديون ھيون، ھاڻي پيڪنگ وارو لوڻ ملي ٿو، جنھن کي آيوڊين جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو يا تہ پريشر رت جو ڪرايو ڇڏي يا وري خدن خفتي جيئان وڏايو ڇڏي، پر ٻئي ڪم ھليو ٿا وڃن، باقي لوڻ جي پيداوار جي پويان ويچارڙو ڪارو ڪلر بہ ھو پاڻيءَ جي اڻاٺ جي ڪري ڪلر ۽ سيم گھٽو ٽٽو ختم ٿي ويو، وڃي اتي بچيو آھي جتي پاڻيءَ جي گھٽائي آھي، ائين ئي جتي بادي واريون خدمتون پيش ڪبيون تہ پاسا ورائيندي وقت ضرور خدن خفتي وانگر نعرا بہ لڳندا، پوءِ لوڻ ۽ مرچ لڳن تہ ويچارڙا تولو مولو ڇا تہ ڪن.

# جڏهن رئيس چنبر خان چئيرمين ٿيو

وڏي انتظار کانپوءِ آخرڪار نعرن جي گونج ۾ رئيس چنبر خان تولو مولوءَ جي ڪلهن تي سوار ٿي اچي قاضي قادن جي اوطاق تي لٿو. دُهلارِي دلاور بہ دُهل سميت رسي ويو. گلن جي ڇٽڪار سان گڏ نُقتيءَ واري مٺائي بہ خدن خفتي جي ٿيلهي ۾ هيڏانهن هوڏانهن ورهائيجي رهي هئي.

خالو هوٽل واري جي اڄ هوٽل بہ بند پيل هئي، اليڪشن جي خوشيءَ ۾ ۽ پولنگ تي پيٽ پرچين سان گڏ پئي مليو. مٿان وري چانهہ جا سرڪاٽ ٻڏڻ جهڙا هئا. پوءِ پلا هوٽل تي ڪير اچي، ان لاءِ خالو بہ مفت ۾ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڪن پئي ڏنا ۽ چانهہ جي صلاح تي منع ڪو نہ پئي ڪيائين. بس چشڪو چکيندو رهيو.

ڪامريڊ ڪاري پنهنجي پينل وارن جي تعريف جا چڪا چڙائي ڇڏيا. چوندي چوندي پلجيو وڃي تہ منهنجي عزت ڪان سواءِ سڀ رئيس جو آهي، اتي جمن جڳاڙي چيو تہ ائين وري ڇو. رئيس هميشہ تنهنجي عزت کي قائم رکڻ لاءِ سلائي مشينون ۽ ڪمبل وغيره ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي. بس منٽن جا نڪاءَ لڳل هئا.

سڄي رات قاضي قادن پنهنجي واٽن سان گڏ زڪوات وارا چيڪ ورهايا پئي، بس ان لاءِ تہ رئيس چنبر خان ڪرسي تي هڪ دفعو ويهي رهي، پوءِ ڄڻ بس چقمق يا ايلفي، لاهڻ سان بہ لهندو نہ.

رئيس چنبر خان کي اقتدار جو ايڏو تہ شوق ويهي رهيو جو هڪ دفعي جوش خطابت ۾ اچي چوڻ لڳو تہ آئون چوويهہ ڪلاڪ حاضر سروس هوندس، پر پُل ۾ چوڻ لڳو تہ آئون رات جو بہ سمهندس



آفيس ۾، ان تي ڪجهہ چوڪرن چرڪ وچان ٺهڪڙا ڏنا. پر واڄٽ خان جلديءَ ۾ ڪن ۾ ڦسڪو ڪري ڳالهہ مٽرائي ڇڏي.

بهرحال سڄي ڏينهن جي اهڙي ڪاروائي ڪانپوءِ آخرڪار رئيس چنبر خان فتحياب ٿي اچي ڪاڪي قادن واري اوطاق تي رسيو. مسلسل اوجاڳن جي ڪري ٿورڙو ذهني ڪشمش پيدا ٿي ويئي هيس، اچي وڦلڻ لڳو. واش روم ڏانهن ويو وري جلدي واپس وريو ۽ هڪدم رڙ ڪري چيائين ڪاڪي قادن جي نوڪر کي اڙي واش روم ۾ ڪرسي ڪو نہ هئي، اصل ۾ هن چوڻ پئي چاهيو تہ لوٽو رکيل ڪو نہ هو. پر ڪرسي سوار ٿي ويس، ڪجهہ وري مٺائي تي گڏ ٿيل چوڪرن ٺهڪڙا ڏنا. پر دُهل جي نڪائن ۾ گم ٿي ويا. ڳالهہ کي گول مٽول ڪري ويهہ رپين جو نوٽ ڪڍي دُهلاريءَ کي ڏيڻ پئي چاهيائين پر هٿ ۾ پنج هزار جو نوٽ اچي ويس. تيستائين دُهلاري ڏيلا ڏيلا ڪري هٿ مان ونڻ لڳو. هاٽي واپس ٿو ڪري تہ وري چوڪرا ٺا ٺهڪڙا ڏين ۽ نئون نئون چيئرمين چونديو هو ڪا گهٽ ڳالهہ تہ ڪا نہ هئي، اها حالت ڏسي سيٺ سوائي جي منشي رميش اچي ڪن ۾ وري ڦسڪو ڪيائين پر گڏوگڏ بلغم ۽ گنڪي وارو دارون سان ڪن بہ ڳاڙهو ڪري ڇڏيائين. آخرڪار صلاح اچي ڏني ڪاڪي قادن تہ رئيس چنبر خان کي هڪ ننڊ واري گوري ڪارائي ڇڏيو جيئن آرام اچي وڃيس، ذهني سڪون مليس. پر ننڊ ۾ بدي جي وسڪاري وانگر وقفي وقفي سان اوٿارا پيا اچن. منهنجي ڪرسي مخالف ڏر وارو سڄڻ بي سرتو ڪٽيو پيو وڃي، وريو واٺا پهچيو وڃن. دلداري ڏيو سمهاريو اچن.

آخرڪار خالو هوٽل وارو ٿولو بغير ماني ڪائڻ جي گهرن ڏانهن موٽيو. اليڪشن ڪٽڻ جي خوشيءَ ۾ اڄ گهر ۾ سانجهڻ ڪو نہ ٿي هوندي، بس ونڊ واري نُقتيءَ تي صبح ڪبو.

# پيري پيري پوِڳ

ڪل پوڳ انسان کي تازو توانو ڪري ڇڏي ٿي، ڪلائڻ وارا اڪثر اڪيلائيءَ ۾ روئيندا آهن. اهوئي وڏو الميو آهي زندگيءَ جي پهلوئن جو تڏهن ڪنهن شاعر چيو آهي ته ”زندگيءَ آهي يا مشخري آ“، سَچُ پَچُ جيڪڏهن سوچجي ٿو ته، عجب ڪهاڻيون پيون ٻڌجن، پيءُ جي ميت گهر ۾ رکي پئي آهي ۽ سيئي ياتي اليڪشن جي تيارين ۾ مشغول آهن.

ٺيڪ آهي اليڪشن کي انسان عزت سمجهي ٿو ۽ هار جيت کي زندگي، هر ڪو جيتڻ ئي چاهيندو آهي، پر هارجڻو ٻه ڪنهن کي نه ڪنهن کي پوندو ضرور آهي، ٻئي آمهون سامهون هڪ وقت کٽي نٽا سگهن، پر پيءُ وري موٽندو ڪو نه. هو سڄي عمر اولاد کي ان وقت لاءِ پاليندو آهي ته آخري وقت بيماري ۾ سهارو ڏئي، پر وقت ٿف ۽ مقابلو ڪرارو هو. اولاد ويچارڙو ڇا ڪري، بابو هونئن ٻه موڪلائڻ وارو آهي، بي هوشي واري حال ۾ آهي، تڪليف جي ڪهڙي خبر.

ائين ڏٺو ويو ته فيسبڪ تي فلاڻو همراهه کٽي ويو. شوقينن جا هار ته هونئن ئي اڳ ۾ ورتل هئا ۽ پيٽرول امڙ کان ڪجهه رقم کٽي بائيڪ ۾ پرايو هو. امان اڄ ڏاڍيون ڊانسون ۽ مٺايون هونديون. وچ ۾ ڪٻڙ خان گڏجي ويو. معلوم ڪيوم ڪيڏانهن ٿو وڃين. چيو ته فلاڻو خان کٽي ويو آهي، نه. نه ان ته هڪ پولنگ کٽي آهي، باقي سامهون وارو کٽي ويو. اتي شوقين بغير سوچڻ جي ته کٽڻ وارو ڪهڙي گروپ سان واسطو رکي ٿو. بس ٿورڙو ذهن کي لوڏو ڏئي وري اوڏانهن رخ ڪيو. اتي وڃين تڪ ٽاڪ ناهيائين.



بس جڏهن اسان جي سماج ۾ رڳو نچڻ ۽ ڪُڏڻ، مبارڪون ڏيڻ ۽ وٺڻ ۾ صرف ٽين، پوءِ وڏيون سوچون ۽ اميدون ڇا جي لاءِ رکجن؟ هرڪو انفراديت تي پيو خوش ٿئي، پوءِ اجتماعيت جو ڇا ٿيندو؟ بس نچڻو آهي هِن اوطاق تي يا هُن اوطاق تي، ڪجهه جملا رٽيل چاپلوسي وارا چوڻ لاءِ سکي ورتا ته بس پنهنجو پاڻ کي وڏو داناءُ ۽ ڏاهو سمجهي ورتو. اهڙن ناسوري ڪردارن ۽ چاپلوسن گهرن جا گهر اجاڙي ڇڏيا، پاڻ ۾ ورهائي الجهائي ڇڏيا، اهڙا ڪردار هميشه تاريخ جي ورقن ۾ لکيا ۽ پڙهيا پيا وڃن.

پر هن وقت جا وڏا جادوگر چاپلوسي ٽولا گينگن جي روپ ۾ اوهان کي ملندا، تيلي ۽ ماچيس گڏ کڻيو پيا گهمن. خدارا اهڙن ٺوڳين جي پوڳن کا بچو. هار جيت ڪا وڏي ڳالهه ناهي، ڪهڙا ملڪ جا بادشاهه ٽٻا، جيڪي بادشاهه ٽڪيا انهن جا ٻه حشر نشر اوهان جي سامهون آهن. پنهنجن رشتن ۽ دوستين جي چوڪيداري ڪريو. ٻارڙن جي نعرن ۽ چاپلوسي رونشن تي مَلُولُ نه ٿيو. ڇا جي لاءِ پيا پگهرجو؟ هڪڙن کي پگهر ايندو ئي ايندو اوهان کي يا اوهان جي سامهون وارن کي، خوشين غمين جا ڏهاڙا تيزيءَ سان گذري ويندا. بس عملي زندگيءَ ۾ عملي ڪردار قائم رکو. جتي ڪنڌ جهڪائيڻو نه اونچو ڪرڻو پوي، ضرور وقتي ڏکيائون بهادر ماڻهن تي ئي اينديون آهن. پر اوهان جي پوئين کي ٻه ڪير وڪائو ڪو نه سڏيندو. پوڳ نه ٻڌجو نه ئي ڪنهن تي پوڳ ڪريو.

# اسين اوترا ئي اوترا

عزت چوڻ ٿا ته پولڙي کي به پياري آهي، هر ڪنهن جو عزت نفس آهي، ڪنهن جي به عزت سان هٿ چراند جي نه اسان جي تهذيب ۾ تمدن اجازت ڏئي ٿو نه ئي ڪو ڌرم ۽ مذهب.

جيڪڏهن عزتون ڏوڪڙن جي عيوض يا اقتدار جي پاور ۽ دولت جي حوس تي نيلام ٿينديون رهن پوءِ انسان کي اشرف المخلوق ڪوٺڻ جو ڪهڙو مقصد؟ ڇا ڪو غريب ٿي ويو يا زيرِ اثر آفيسر يا ننڍڙي نوڪريءَ وارو ٿيو ۽ اوهان جي تقاضائن تي پورو نٿو لهي، ته پوءِ اهو ڪهڙو قانون ۽ انسانيت جو رواج آهي جو سرِ عام ان جو پٽڪو ڏوڙ ڪجي، ڇا ان جو اولاد ۽ ان جا عزيز ۽ معاشرو ڏسندو ڪون هوندو، ڇا ان سان اوهان جو قدر ۽ اخلاقيات ڪو نه ڪرندا.

پر وقت وڏو بي رحم آهي، ان نوڪري پيشه ماڻهوءَ کي الله سائين اوهان جي جڳهه تي بيهاري ۽ اوهان تي لتن ۽ مڪن جو وسڪارو ڪرائي ڇا ڪا دير آهي ان جي دربار ۾؟ خوف خدا جي ڪان ڏجو هيٺن جي حال تي رحم ڪريو جيڪي لڪ ڇپ ۾ ڏمڪيون ۽ داٻا ڏئي ماڻهن کان ماڻهن جا ذهن تبديل ٿا ڪرايو ڇا ڪڏهن دنيا جي تاريخ ۾ ڏاڍ ۽ جبر سان دليون خريد ڪيون ويون آهن؟

هن صوفيانه ڪلچر ۾ ڏسو الله لوڪ فقيرن جي تڏن ۽ خانقاهن تي هر قسم جي رش اهو اهڃاڻ آهي ته انسان ذات جي عزت ۽ تقريم ٿئي ٿي، بغير اسباب ۽ وسائل جي عدم دستيابي جي باوجود ڏکن سکن ۾ حوصلو ۽ همٿ ڏني وڃي ٿي، ڪڏهن به ڪنهن جي عزت سان آڪاڙو ڪو نه ٿو ڪيڏيو وڃي، جهڙو حال پيش پرين، ڪڏهن به



لاچاري ۽ مايوسيءَ جو سبق نٿو ڏنو وڃي، هر حال ۾ ڏکن ۾ درن جو درمل ڪيو ٿو وڃي.

ٻئي پاسي ظاهريت وارن جا ٽولا ڪهڙن به منصبن تي فائض ڇو نه هجن ڀلي دنيا يا دين جي نالي تي فقط ذاتيات ۽ مفادن جي چڪرن ۾ سچي انسانيت جي عزت وڪرو ڪندي دير نٿا ڪن، هميشه امام حسين عليه السلام جي واٽ تي هلندي صوفين جي ٽولي محبتن ۽ نفرتن جي وچ ۾ اڇي رستا الڳ ڪرڻ لاءِ بغير لوڀ جي جدوجهد ڪئي آهي، باقي کوکلا نعرا ۽ ڳالهيون ڪندي، ڪندي اسين ٻڏي، ٻڏي وري اوترا ئي اوترا، اهو ئي ساڳيو راڳ آلاپي هڪڙا چلتو ٿيا پيا وري انهن جا جان نشين ٻڻيا.

اڄ عزت کي ڪپڙن ۽ وڏين گاڏين ۽ بنگلن ۾ نه ڳول، اي انسان! ڪجهه تنهنجيون به غلطيون آهن، بيعزتيون ڪرايو وري معاف ڪندي دير نٿو ڪرين، معافي سنو عمل آهي، پر هڪ معافي ذاتي هوندي آهي، ٻي معافي انسان ذات ۽ منصب جي ادائيگي جي هوندي آهي، جيڪڏهن ذاتي رنجش ڀلي دفعه ٿئي پر ادائگي فرض واري بي عزتي سڄي سماج جي منهن تي چماٽ آهي.

# رستا رڪاوٽون روڪ

دنيا هڪ وسيع ميدان آهي، هر طرح جي آزمائشن ۽ امتحانن جو هر شخص کي نہ چاهيندي بہ مقرر وقت تي ڪو نہ ڪو پيپر ڏيڻو پوندو آهي، ڀلي اهو ڪٿي ڪهڙي بہ فيلڊ سان وابستہ ڇو نہ هجي.

جيئن هڪ ننڍڙي مڇي وڏين مڇين ۽ مانگر مڇن جي خوراڪ مان بچي ڪري وڏي مڇي ٿئي ٿي ۽ آئينده لاءِ افزائش نسل ڪري ٿي، ائين هڪ مادي ڀٽون پنهنجو چم ماس کارائي ٻيا ڀٽون جنم ڏئي ٿي، ڀٽوئن جو زهر پنهنجي جڳهہ تي، پر قانون قدرت بہ آهي، جتي انسان دوست پرند ۽ چرند ۽ جانور جراثيم آهن، اُتي رب جا راز بہ آهن ائين هڪ نر ٻلي ۽ نر شينهن کان ماده ڪيئن ٿي پلونگڙا بچائي وڏا نر ٿاهي، نسل لاءِ ڪارآمد ٺاهي ٿي.

ائين معاشري ۾ وڏن گڙنگ سياستدانن جي ڇانوَ ۾ ننڍڙن لڪيل پڙهيل نون نڪور ليڊرن جو ظاهر ٿيڻ هڪ معجزا نما حقيقت ٿئي، خاص ڪري اسان جي هن ملڪ ۾، ائين وري بي ايماني موج ڇولين ۾ ايمان واري بي سرو سامان ٻيڙي سيئي طوفان لتاڙي نڪري پار ٿئي ٿي، اها هڪ وڏي تبديلي هوندي، عاليشان محل نما آفيسن ۾ حق حلال ۽ سچ واري گفتگو ڪرڻ نعره منصوري جي هام ڪان گهٽ ڪون ٿئبو.

ائين ٽڪيٽن واري سياست جي سامهون، آزادانہ طور سامهون اچڻ شهيد بلاول وارو گهاٽو ياد ڏياريو ڇڏي، بنا مقابلي چونڊيل نمائندا جڻ جمهوريت کي طلاق ڏيارڻ جي برابر ٿئبا، نہ ئي ڪارڪردگيءَ جو ڪارڻ، ڇو تہ موچڙو ڇٽيهہ لڇڻ لڪائي رکندو آهي، جيڪي سماج ۾



سوشل ميڊيا جي ذريعي ڏسجن پيا، ننڍڙا گُلر بہ پٽا پائڻ بعد وڏيون وڏيون ڦونڪون ڪندا آهن، پوءِ اتي چڱائيءَ وارا چڱا مڙس جيڪڏهن ماٺ ڪري نہ ويهن تہ ڇا اچن ۾ هٿ وجهرائين؟ ائين رستا روڪ هميشہ ٿيندي رهي آهي، حضرت علي سائين عليہ السلام فرمايو تہ،

”اي پُٽَ! جبل پنهنجي جڳهہ تان جيڪڏهن سرڪي وڃي، پر تون پنهنجي جڳهہ تان ٿورڙو بہ هلجاءِ نہ. پنهنجي ڏندن کي مضبوطيءَ سان هڪ ٻئي سان جهلي پيوست ڪري رکجان، پنهنجو ڪنڌ فقط رب ڪائنات جي اڳيان جهڪائي رکجان، زمين ۾ پنهنجا پير ميخن وانگر مضبوط ڄمائي ڇڏجان، تنهنجيون نگاهون تنهنجي دشمن تي ٽڪيل رهن، دشمن جي لشڪر جي آخري صف جي شخص تي نظر رکجاءِ، بس پُٽَ فتح الله سائين جي هٿ ۾ آهي“. (نهج البلاغہ).

بس دوستو! دشمن فتنو بہ آهي ۽ نفس بہ آهي، حرام پائي ۽ بدڪرداري بہ دشمن آهي بس سيني جي رستا روڪ ڪريو.

# بکايل جنازي تي، واڇٽ خوشين جا

ڪالهہ جڏهن ڪاڪي قاضيءَ قادن جو سَنيهو (پيغام) مليو خدن خفتي جي هٽان تہ خالو هوٽل وارو ۽ اوهان هوٽل وغيره بند ڪري ريلي ۾ اچي شامل ٿجو اتي الله ورايو وينو هو جنهن ڪنڌ هيٺ ڪري پئي ٻڌو جنهن ڏينهن پولنگ هئي، سڄو پينل بنا مقابلي چونڊجي ويو فقط هڪڙو ڪائونسلر وڃي رهيو جنهن جي سامهون هڪ مٿي ڦريل بيهي رهيو. گهڻو سمجهايو ويو ڇو اچي خوار ٿيو آهين؟ سڀ رئيس، وڏيرا، سيد، پير هڪ طرف آهن، تون مسڪين جو ٻار آٽين ۽ چاڙهين وارو بينو آهين ووٽن ۾ غريبن جو ڪهڙو ڪم جو اهڙا خواب ڏسي، بهرحال، الله ورائي پنهنجي پٽڪن واري ڳالهہ جاري رکي، تہ آئون بہ ان سان گڏ ڪجهہ گهڙيون ويهندو هئس، هڪ دفعي پڇيم، بلو پرديسي تون ۽ اليڪشن ڪوڙو نٿو لڳي، چيائين يار جنهن ڏينهن سڀ بنا مقابلي چونڊيا پئي ويا، ان ڏينهن هڪ پاڙي ۾ قضيو ٿي ويو قضئي جو ڪارڻ بک ۽ بدحالي هو پاڻي پيئڻ لاءِ بہ ميلن تائين پنڌ ڪري پرٽو پوندو هو انهيءَ قضيي واري رات اسان جي وڏيري جو شاخ تي پاڻيءَ جو وارو هو سڄي رات سڀ واٽر بند ڪرائي وڏيري پنهنجي ٻني سيراب ڪرائي، پر قضيي واري جي گهر وٽان شاخ جو ڪپر هو پر ان جي واٽن پاڻيءَ جو دلو بہ پرڻ ڪو نہ ڏنو جڏهن صبح جو مڙهہ ڪنيو پئي ويو تہ هڪ طرف خوشين ۾ جهومريون پئي لڳيون، دهلاري ٻي روزگاري ۽ مهانگائي کان اڳئي تنگ هئا سو دهل تي همرچا پئي هنيائون، ائين ڪو نہ ڏٺئون جنازو ڪڄي پيو بهرحال مون پڪو پهہ ڪيو ڪٿڻ هارڻ ڏوهہ ڪونهي ڏسجي تہ نعرو هٽي بيهي رهجي، هونئن



تہ وڏيرا رئيس فاتح تي بہ ڪو نہ ايندا، بيهڻ سان ضرور اچي نڪرندا، اندر جون باهيون ڪڍيبيون، سو ٿيو ائين جو فوتگيءَ وارو تڏو اليڪشن جي ڪيمپين طور استعمال ٿي ويو جيڪو بہ غريب غربو اسان جو حال ٻڌي اهو روئي ووٽ ڏيڻ جو واعدو ڪري پيو وڃي، بهرحال پوءِ وڏا رينگٽ منٿون ڏوڪڙ ۽ ڌمڪيون ٽاٽا وغيره سڀ آزمايا ويا، مون وٽ ڇا هو جو هو ڪسيندا، ڪڪڙ ڪجهہ پاليل هئا وڪٽي فارم پرائيم، بس ماڻهن ڪاوڙ ۾ ووٽ ڏئي ڪامياب ڪري ڇڏيو الله سائين جي قدرت جنهن ڏينهن مون ڪٽيو تہ اهو ساڳيو دهلاري اچي لٿو پر وڏيري جي مائٽن ۾ قضيو ٿي ويو پر اسان غريبن اخلاقيات ڪي ڪو نہ ڇڏيو جنازي جي وقت خوشي ڪو نہ ڪئي، بهرحال سڀ وقت گذري ويا، اڄ وري جڏهن  هرڪو بکن ۾ پاهہ آهي، الله ورائي ڳالهہ کي وڌائيندي چيو تہ هڪ مڻ ڦٽي آندم، سيٺين جو ڪارو منهن، بس اگهہ جو خانو خراب پاڙ پيا نچن ۽ اسان جا جنازه پيا نڪرن، پاڙ جا اگهہ چوٽ چڙهيل، پاڻيءَ جي ڪوٺ، ڪيڙي ۽ هاٽي وري ڊيزل سائين جا ريٽ، ڏينهن ۾ ڪيترا دفعا مرٽو ۽ جيٽو ٿو پوي، خوشيون تہ پلي سيٺ ۽ واپاري ڪن جن ووٽ بہ وياج وارن پئسن مان پنج پنج هزارن ۾ ورتا، انهن جو نچڻ ۽ ڪڏڻ بہ نهي ٿو باقي عوام ويچارڙي ضرور چانورن جي پليٽ يا شربت واري پاڻيءَ تي جهمريون پائي ڪاڏو ۽ پاٽي حلال ڪندي، جيئن چاچي ٽماٽي سولر مسجدن وارا ائين پئي ورهايا جيئن وڏو ڪو عقيدت مند هجي، خبر پوءِ پئي سڀ يوسي وارو مال بچايل هو پر پوءِ بہ ماڻهن قدر ڪو نہ ڪيو شايد عوام ۾ ڪاوڙ جي لهر ضرور موجود آهي، جيتري گهٽ ٻوسٽ ڪجي ٿي پر ساهہ کڻڻ وقت جنازي واري ڳالهہ ياد اچيو وڃي ٿي.

# سونهن ۽ سوپيا جو قتل

هڪ طرف هر انساني ادائن جو قتل پيو ٿئي، ڪٽڪ ۽ اٽي جي ڪوٽ ۽ وڌندڙ ريٽ جي وجه سان، پيٽ ۽ پيٽ رکندڙن جو قتل، پيٽرول جو تيزيءَ سان سان چڙهندڙ چوٽ پارو، جديد سوارين تي هيٺياهين درجي وارن چڙهڻ وارن جو قتل، دوائن ۽ ڊاڪٽرن جون پهچ کان مٿي فيسون ۽ ٽيسٽون پرچي ۽ ڪميشن واريون، غريب غربي کان وٺي سفيد پوشاڪ ۾ لڪلن جو قتل، تعليم ۾ عطائي ۽ پرائيوٽ واپارين جي وسيع وڌندڙ ڪاروبار جي ڪري وچولي طبقي جو سرِ عام قتل، ٺڳي ۽ هٿ ٺوڪين جعلي رهزنن پيرن ۽ پبلسٽي وارن جي وچ ۾ سچن عقيدت مندن جو قتل، خوبصورت وڻڪار ۽ وڻن جي سونهن جو منافعي خور لٽيرن واڍن جي هٿان قتل، سڄي سال وياجن تي پاڻ ٻج ڪٽي پاڻي جي اٽاٽ جي باوجود ڦٽيون پوکڻ وارن هاري ۽ زميندارن جو ملي ڀڳت ڪرڻ وارن جو سيٺن جي هٿان قتل، وڏيون اميدون ۽ خواهشون رکندڙن ووٽرن جو سياسي پارٽين ۽ اڳواڻن هٿان بار بار قتل، دين ۽ ڌرم جي نالي سان صحيح ڄاڻ ۽ فلسفي جي اصليت جو قتل، اتحاد ٻڌي ۽ يڪجهتيءَ جو چاپلوسي ٽولن جي چال بازين جي هٿان محبت ۽ امن امان جو قتل، رشتن ۽ برادرين جو نا اتفاقي هرڪو سير سوا جي رٿ هٽڻ وارن جي هٿان قتل، پوڙهن جو جوانيءَ وارين خواهشن جو پوڙهائپ جي هٿان قتل، حرام ڪائو آفيسرن جو پنهنجي بگڙيل نافرمان اولاد جي هٿان ڪمائيل بي دريغ دولت جوقتل، روح ۽ روحانيت جو ناسمجهه طالبن جي اڻ ڄاتلن جي هٿان قتل، پر سڀ کان وڏيڪ خطرناڪ قتل معاشري جو حسد جي حوارين هٿان ساڙ ۽ هوڏ وسيلي قتل، اجان ٻه ٽي وکون اڳتي دنياوي نشي جي عادتي آدم خورن جي پيٽ پرڻ لاءِ ويچارڙن خوبصورت پکين ۽ هرڻن جي نسل جو تاريخي تهذيبي نه معاف ڪرڻ وارو قتل، اهو سڄي سماج جي خوبصورتي جو هڪ اهڙو ته قتل آهي جنهن تي ماٺ ڪرڻ وڏو جرم آهي سونهن ۽ سوپيا جي چاهيندڙن لاءِ.



# چڪ وات جون چڪريون

هڪ دماغ خالي ٻيو دبوڪ (بندوق) ڦٽل ڪلهي تي، ڇُورو سٿڻ (شلوار) سلڪائي ڇڏي، پر ناني وري ٻه ناسڪا نوس نوس، پاڙي سڄي ۾ چڪرن تي چڪر، ابا ڇا ٿيو؟ ڪيئن ٿيو؟ ڇو ٿيو؟ امڙ جهوني تون پنهنجو گهر جهل، وچين ڏوهٽي کي تازو توانو ڪر، تنهجي هيءَ عمر آهي، جو هاڻي سڄي راڄ جا رينگٽ ۽ رڙيون جمع ڪرين، وچين الله الله ڪر، ٽُڪر ڀُڳي جو فڪر ڪر، هلڻ ۾ لاچاري ٿي ڪير هٿ مان ٻه ڪو نه جهليندو، گهٽيون معلومات وٺي ڇا ڪندينءَ؟ تو وٽ ڪو حل آهي ڇا؟ ڳاله تي هٿ ڏکيو ٿا پون، رڳو ڄاڙي ۽ لباڙ ٻچي اٿئي ڪو ترس ڪر، ٻچن جي ڪر، سڀ تماشا ڏسجان ضرور پر تماشو ٿيڻ پسند ڪو نه ڪندا، ائين هل ڄڻ ڪا ٻوڙي آهين.

جيئن هڪ صوفي سڀُوري حضرت بايزيد بسطامي رحمت الله عليه وٽ هڪ عورت آئي ڪنهن دعا واسطي، اچانڪ ڪا بادي هوا جو آواز اچي ويو، عورت شرمسار ۽ لڄي پئي ٿي ته، پر ان سڀُوري اهڙو ورتاءُ ڪيو جيئن فقير صفا ڄڻ ڪجهه ٻڌو ئي ڪون، پوءِ ڪيترائي سال پاڻ کي ٻوڙو ظاهر ڪيائين، جيستائين عورت زنده هئي، پوءِ وچين حقيقت ظاهر ٿي، پر ڳالهه ڪون کوليائين، عيب لڪائي رکيائين، هاڻي ڳالهه هجي نه هجي پر ڳالهڙو گهرجي ئي گهرجي، تعريف ۽ سٺائي ڪنهن جي بيان ڪو نه ڪبي پر برائي خوامخواه وڌي وات بيان ڪبي، الاهي ڇو اسان جي معاشري جي ناني ۽ ماسيءَ کي ڇا ٿي ويو آهي، جو رات جي پيٽ ۾ مشهوري ماڻڻ لاءِ سڄو ڏينهن بس لائيو جي چڪرن ۾، بس چڪريون ۽ چڪ وات، هر ڪنهن کي پنهنجي

حصي جو ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي، خوامخواه ٽنگ ڪي تيزي اٽڪائڻ جي ڪوشش ۾ ڏڏ ڪان ٽنگ نہ ڪيرائي ڇڏجي پر اسان وٽ ائين ٿئي پيو، هر ڪنهن جو منصب ۽ ان جون گهرجون، اهوئي بهتر ڄاڻي، اوهان ڪي فلاسافر ٿي ڪنهن جي گهر جي چلهہ اجهائڻ نہ گهرجي، هميشہ نانين ۽ ماسين ويڙها (گهر) ناس ڪيا آهن. ڇهري مان اُهي معصوم پيون لڳن پر اندر ۾ اُماڙيون (ٻرندڙ ٽانڊن) جا شعلا الله ترس ڪريو. وڪ وڪ تي شيطاني قوتون ساڻ، اهڙين مڙهين کي منجا جهلڻ گهرجن، نون ۽ نڪورن کي زور آزمائي جا موقعا ڏيڻ کپن، پلي وڃي مڇيون کائين يا ڪميون، اسان جو ڇا؟ اسان کي اٽو سستو ڪري ڏيو. کپهہ ۽ ڦٽين جو ريٽ ڏيو. آئل ۽ ڊالڊا جو خير آهي، پاڻي ۾ پچائيندا سون پاڇي، باقي پيٽرول هوندو تہ ٺيڪ آهي، نہ تہ گڏھ گاڏيون هلائيبيون، وڏن بہ هلائيون آهن. ڪو عيب ڪونهي، لائيٽ جو خير آهي، مسجد واري سولر سسٽم واريون پليٽون پيل هجن تہ هڪ اڌ ڏئي وجو. باقي مڇرن وارو اسپري ڪرائي ڏيو. وقت گذري ويندو. باقي ناني ويچارڙي خوامخواه پئي وات چڪ واري چڪري ڪري.



# وَسي تڏهن وس

شڪر الحمدلله سڄو ڏيهہُ وسي پيو. سوڪڙو لهي ويو. مال متاع ۽ وڻ ٽڻ نِڪري پيا، آبادگار ۽ هارين جي پيٽ ۾ ساهہ سمائيجي ويو. باقي سيئين بہ پنهنجي پوري ڪئي، ريٽ وونئڻن جو لاٿائون مرضيءَ سان، ڪٽ پيس پنهنجي جڳهہ تي، پر اٽو بہ کائڻ کان چڙهي ويو. ڪير نج تہ ملڻ مشڪل.

اڳي ڪو وقت هو جو انسان نانگن ۽ وڇوئن جي زهرن کان ڊڄندو هو. پر هاڻي انسان ۾ جيترو زهر آهي، اوترو نہ ڪنهن جيتامڙي ۾ آهي نہ ئي وري ڪنهن ڪيميڪل دوا ۾، جيئن ڪتن کي مارڻ لاءِ مٺائي يا شيري ۾ زهر ڏنو ٿو وڃي، ائين انسان جيترو منو ٿيو ناهي اوترو زهر ٻن منهن واري بلا وانگر نڪتو ناهي.

ٻہ منهن واري بلا خاص ڏينهن تي نڪرندي آهي، پر انسان جو زهر مفادن جي ٽڪراءَ جي وقت ظاهر ٿيندو آهي، مفاد پورو ٿيو تہ ڪيڏانهن وئي دوستي بغل گيري ۽ چاپلوسي، وقت نڪتو ناهي يار تڏو ويڙهيو ناهي.

چون ٿا تہ گهاٽيون دوستيون رکڻ بعد وري اُهي ساڳئي دشمني جي انتها تي پهچيو وڃن، اصل دوستي ۽ دشمني لڪل هوندي آهي مفادن ۾، جڏهن بہ مفادن جو جلوس نڪتو ناهي دوستيءَ وارو خلوص ڪاٻاڙو ٿيو ناهي.

جهل پل کهڙي پاڃوڪڙ لاءِ، جيڪي پڇ پڇان جا شوقين انهن کي اَڳاڙيون ۽ پَڇاڙيون ڇا تہ روڪينديون، هر واري ڊڳي کي پلي ٻڇيءَ ۾ ڪيڏي وڏي گهنڊ ٻَڌو پوءِ بہ سڄي سيم چرندي وڃي ٻئي سيم ۾ ائين پهچندي، جيئن سياستدان هڪ پارٽيءَ مان ٻي پارٽيءَ ۾ ٽڪيٽن جي

پويان، دنيا تہ انکي ئي چئبو آهي جيڪا هميشہ هڪ جهڙي نہ رهي، هلندي، هلندي وچ منزل تي جيئن سوال واري موٽر سائيڪل جو پيٽرول ڪٽيو ٿو پوي، ائين دنيا واري سنگت بہ بيهي ٿي رهي، پوءِ بوتل هٿ ۾ جتان ڪم ٿئي، دنيا جڏهن پنهنجيءَ تي ايندي آهي تہ مهمان آيل دوست جي موٽر سائيڪل مان بہ پيٽرول ائين چورائِبو آهي جيئن ڪنهن گهاٽي دوست کان اُڌار وٺي پوءِ گهٽيون ۾ رستا متائبا آهن، بس ڪنهن کي ايذاءُ پهچائڻو آهي تہ پوءِ بس مڙئي بهانو گهرجي، تکي ڪاتي سان يا سنهي سوئي سان بس رت نڪري ئي نڪري.

ائين جيئن سياسي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائڻو آهي، بس ڪمند وڍڻ جو يا ديويءَ جون ڪانيون وڍڻ جو بس سيڪت ايندي، دل خوش ٿيندي، ڏِس ڪيئن سوگهو ڪيوسون، وري جڏهن وقت بدليو پوءِ ساڳيو پيو چوندو فلاڻو انتقام پيو وٺي.

هميشہ انتقام هڪ جڳهہ تان ٻئي جڳهہ منتقل ٿيڻ جو نالو آهي، انتقام جو ڪڏهن بہ انتقال ناهي ٿيندو، اهو هر هر جنم وٺي واپس ورندو آهي، سواءِ نبي آخر زمان صلي الله عليہ وسلم جي تعليمات تي عمل ڪرڻ وارن جي، باقي بس گاڏو سڄو گچڻ ۾ يا وري لوڙهي ۾ (ڪنڊن جي ڪوٽ ۾)، گاڏو گڏهہ تي هجي يا گهوڙي تي يا هاٿي پلي ڪٽي موٽر سائيڪل تي، چئبو وري بہ گاڏو تختي وارو.

ائين تختو پلي تخت وارو هجي يا بخت وارو يا وري ڦاسي گهاٽ وارو، آهي تہ ڪاٺ، نہ ڪاٺ تي ويهو نہ ئي وري ڪاٺ ۾ وڃو، ڪاٺ کي آخرڪار اڏوهي کي ئي کائڻو آهي، جڏهن پيٽ پربا يا ڪيٽا (مشخريون) ڪبا، يا وري صبر سان هضم ڪبا، بس جنهن تي رب راضي ٿئي جتي چاهي اتي وَسائي، زندگي سڄي وَسڻ جي مند آهي، ڪڏهن اَڳاڙي تہ ڪڏهن پَڇاڙي.



# هڪ جهڙائيءَ جو هجوم

دنيا جا ڪئين رنگ ۽ ڍنگ هڪ پاسي، سونهن سوڀيا، چمڪ دَمَڪَ جا طوفان ۽ سونامي جا سمندرن ۾ ڪيلُ، رقص ورونهن رونشا، پلي ڪٽي ڪنهن جي دل وندرائين، ڪو پليل، پڙ پڙ ڪري پيو پونڪ جيئن پونڪي، تہ ڇا؟ پر ڪائنات جو هيءَ هڪ هجوم هڪجهڙائيءَ جو جنهن ۾ هر طبقي جو تونگر (طاقت وارو) غريب غرباء، بادشاهہ ۽ عوام، تخت بخت جا والي، انهن ٻن چادرن ۾ لپٽيل (ويڙهيل) مقامِ عرفات کان ويندي مزلفہ ۽ مِنا تائين، هڪ ئي تسبيح ۽ هڪ ئي آواز، هڪ ئي مالڪ هڪ ئي خالق.

"اياڪ نعبد واياڪ نستعين"

"الله اڪبر الله اڪبر"

نہ ڪو فڪر نہ ئي ڪا سوچ، هر طرف سفيدي سفيدي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي، گهر گهاٽ وارو ۽ مزدور بي مڪان وارو روئڻ ۽ سڏڪڻ ۾ پورو، نہ ٻچن نہ گهر جو اونو، بس استغفرالله استغفرالله جي للڪار ٻاجهہ لاءِ، جهڙو عابد زاهد تهڙو ئي گنهگار سڀ ئي هڪ صف ۾، خبر ناهي ڪنهن جي پڪار وٺي وڃي، بس آزيون ۽ نيازيون، نہ ئي اهڙو ڪو سمان ڪنهن ڌرم ۽ دين جي حصي ۾ آيو نہ ئي اچڻو آهي، دنيا ۾ ميلا ملاڪڙا، جلسا جلوس، ڪيل تماشن جي تہ ڪوٺ ناهي، پر اهي دل فريب مَنظَر، دل موهي ڇڏين، انهيءَ کي اسلام سڏجي ٿو، اهوئي هڪ اسلام جو رڪن آهي، جنهن کي اهلِ اسلام سيني سوچن رنگ نسلن، عرب عجمين جي ڳالهين کان هٽي هڪ ميدان ۾ سيءُ يا گرميءَ جي موسم ۾ فريضو سمجهي ادا ڪن ٿا.

اهائي خوبصورتي آهي، جتي سڀ انا پرست هڪجهڙا ٿي وڃن ٿا ۽ هڪ خالق جي اڳيان سر سجدي ۾ رکي ٻيهن ٿا ۽ هڪ آسمان هيٺ گَنڪِرين تي سمهي محسوس ڪن ٿا ته قبر به هڪ جهڙي هوندي، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي الڳ حيثيت ڪا نه هوندي، اهوئي فلسفو جيڪڏهن مسلمان هميشه روزمره زندگيءَ ۾ اپنائين ته اها قوم ڪڏهن به ڪنهن جي هٿان مات نه کائي.

جيئن شيطان کي گَنڪِرين هڻڻ جو مطلب ته هر طرح پاڻ کان وٺي پنهنجي نفس ۽ خواهشات کي ڪِنڪِريون هڻڻ آهي، ائين قرباني جو مقصد سڀني عضون کان وٺي جاني مالي قرباني ڏيڻ کپي، جانور جو خون وهائڻ جو مقصد، انائيت، خودغرضي ۽ تڪبر جو خون وهائڻ آهي، اهڙي ريت وارن کان آجو ٿيڻ يعني عزت کي سنوارڻ آهي، اهڙي ريت هڪ مخصوص ڪيل بيت الله جي چوطرف چڪر لڳائڻ مقصد بي نياز ٿي ڪري دنيا جي ڪمن ڪارين کان، هڪ ئي رب پاڪ جي عبادت ڪرڻ جو عهد ڪرڻو پيا سڀ بت پاش پاش ڪرڻا آهن.

جيڪڏهن ان ريت انسان قائم دائم ٿي لڳي وڃي، جيئن طوافِ ڪعبه جي وقت، نه ڪنهن جي غرض نه ڪنهن جي پرواهه نه ئي ڪنهن سان شرارت هوڏ ۽ نه ڪنهن سان تعصبي عداوت، بس هڪ ئي پڪار لبيڪ، لبيڪ، بس حاضر آهيان، ياد ڏياريو پيو وڃي، اي بندگيءَ جي لائق هستي اسان حاضر آهيون، اوهان جي بارگاهه ۾ سوين ڪمين ۽ ڪوتاهين جي، بخشش واري ذات فقط اوهان جي آهي، ان طريقي سان سڀني نبين جي سردار حضرت محمد صلي الله عليه وسلم کان وٺي امير المومنين کان ٿيندي سڀني ولين ائين ئي ثابت ڪري



ڏيکاريو. وقت جي شهنشاهن ۽ بادشاهن کان ٿيندي مزدور ۽ غريبن به ائين ئي ڪيو. اهڙي هڪ جهڙائي ۽ يڪجهتي ٻڌي وري امن امان ايترو جو دورانِ احرام جي هڪ جُونءِ به مارڻ منع آهي، ايترو قانون ۽ ضابطو ان لاءِ اسلام هڪ مڪمل ضابطه حيات آهي، جنهن کي رحمت العالمين صلي الله عليه خطبه وداع وقت مڪمل ڪرڻ فرمايو سڀ شرڪ جا بت پيچي پورا پورا ڪري، هڪ اهڙو معاشرو ۽ سماج جوڙيائون جو مقصد پائيچارو امن امان اخلاقيات جي اونچي اڏام، حقوقن جي پاسداري، انسان کان وٺي حيوان تائين، عورت ۽ مرد کان وٺي اولاد ۽ ماءُ پيءُ رشتيداري کان وٺي پاڙو، سڀ قانوني گهرجون پوريون ڪيون ويون، دنيا کي هڪ اهڙو آئين ۽ منشور ڏنو ويو جنهن جو ڪو مثال ملڻ مشڪل آهي.

# ڪلاچيءَ جون ڪلابازيون

ڪراچي (ڪلاچي) جي ڳالهہ ڪجي ۽ حضرت عبدالله شاهہ غازي رحمت الله عليہ جي جيڪڏهن ڳالهہ نہ ڪجي تہ اها تاريخ سان ويساهہ گهاتي ليکبي، سائين عبدالله شاهہ غازي جي تاريخ پيدائش 98 هجري ۽ وصال مبارڪ 20 ذوالحج 151 هجري مطابق ٿيو اڄ جڏهن ڪالم لکيو پيو وڃي تڏهن 13-07-2022 تي ڪلفٽن ۾ برسات جي لڳاتار وسڻ جي ڪري تقريبن ڇهہ فٽ کن پاڻي بيهڻ جا اطلاع آهن، اتي هڪ مٿاهين جبلي ٽڪريءَ تي سائين جن ابدي آرامي آهن، هن وقت خوبصورت محل نما روضو پاڪ جوڙايو ويو آهي عقيدتمندن ۽ مخير حضراتن جي طرفان.

سائين عبدالله شاهہ غازيءَ جو قيام ۽ آبادي آرامگاهہ ڪراچيءَ وارن لاءِ خوش قسمتي جي علامت طور ڄاتي وڃي ٿي، جتي هر وقت انسانن جو هجوم رهي ٿو، لنگر نياز جو تقسيم ٿيڻ مسڪين غرباء ان مان پيٽ ڀرين ٿا، گهڻا بي سڪون، روحاني سڪون جي ڳولا ۾ اچي نڪرن ٿا.

سائين عبدالله شاهہ غازيءَ مدينہ منوره ۾ محمد نفس ذڪيہ جي گهر تولد ٿيا، سندن سلسلو اميرالمؤمنين حضرت علي عليہ السلام سان پنجين پشت ۾ ملي ٿو عباسيہ خليفن جي ستم ظلمتن جي ڪري پاڻ هڪ سؤ اوڻٽيهہ عيسويءَ ۾ سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيا، تاريخ



چوي ٿي تہ ان وقت حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام ۽ سندن فرزند امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام بہ موجود هئا، سائين جن کي اتي شهيد ڪرڻ بعد سر مبارڪ خليفہ ڏانهن روانو ڪيو ويو جيڪو ان وقت جو رواج هو، چوڻ جو مقصد ان وقت جي خدشن تحت قبر مبارڪ کي راز ۾ رکيو ويو صدي اڌ کان پوءِ ظلمن جي ڇوٽڪاري بعد ظاهر ڪيو ويو جيڪو اڄ ڪراچي ۽ ڪلفٽن ۾ سمنڊ جي رونق افروز نظارو ڏئي پئي.

ڪلاچي مهاڻن ۽ مڇ مگرن ۽ مورڙي جي ماڳ طور پذيرائي حاصل ڪئي، تقسيم هنڌ کان اڳ ۾ هندو ڪميونٽي جو هڪ وڏو انگ اتي مقيم هو، پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ نقل مقاني تحت وڏي ڪثير تعداد ۾ ٻاهر کان ايندڙن ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي، پاڪستان جي گاديءَ جي حيثيت ۾ سڄي ملڪ مان مختلف هنڌن کان اچي ماڻهن ڪراچيءَ کي وسايو، روزگار ۽ تعليم جي ڪري، ڪراچيءَ ڏانهن رخ آباديءَ جو وڌندو رهيو، افغانستان جي خانہ جنگي ۽ ان تي غير ملڪي حملن جي صورت ۾ ڪراچي جي آباديءَ تي بي پناهہ وزن ايندو ويو جيڪو اڄ ڏينهن تائين برقرار آهي، بي تحاشا غلط پلاٽنگ نا مڪمل ڊرينج سسٽم، بغير پلاننگ جي ڪالونين جو قيام ۽ بلڊرن جي غير قانوني مداخلت ۽ سياسي هيراڦيرين جي ڪري، ڪراچيءَ هر رخ کان نقصان برداشت ڪيو، پوءِ اهو مذهب جي آڙ ۾ فرقہ پرستي کان ٿيندي نيون نيون سياسي قوتن جي اچڻ سان ڪلاچيءَ واقعي ڪراچي ٿي ويو جتي هر قسم جي واپار سان گڏ قتلِ عام جا بہ سودا ٿيڻ لڳا، وقتن بہ وقتن رياستي مشينري جي ڪوشش سان امن امان برقرار ٿيندو رهيو ۽ ڪافي ملوث ڪردارن کي پنهنجي

انجام تائين پهچايو ويو. پر بيجا منافع خوري ۽ رشوت خوري جي ڪري ۽ رات جي پيٽ ۾ امير ۽ وڏو سياستدان ٿيڻ جي چڪرن ۾ نامڪمل پراجيڪٽ حتمي شڪل تي نه پهچي سگهڻ جي ڪري، مقامي ماڻهن کي برساتن جي صورت کان وٺي ٻين اتفاقي حادثاتن جي وقت پريشان ٿيڻو پوندو آهي. آباديءَ جي حيرت انگيز طور وڌڻ جي ڪري وقتي ڏکيائون پيش اچي رهيون آهن. نالا ۽ نيڪالي سسٽم سڀ سياست جي هنج ۾ آهي، ڪير ان کي سڌارڻ چاهي ٿو ڪير وري ان کي هٿ ٺوڪي عمل تحت ناڪام بڻائڻ جي چڪرن ۾ لڳل آهي، اصل نقصان وري به عام شهرين کان وٺي سڄي سنڌ ۽ پاڪستان جي ڪاروبار کي ٿئي ٿو. ڇو ته وڏي مارڪيٽنگ جي جڳهه هئڻ جي ڪري مويشي منڊي ۽ تجارتي ڪاروبار جي لکن ۽ ڪروڙن زندگين جي پيٽ گذر جو ذريعو آهي، بس خدارا سڀ گڏجي ڪراچيءَ کي سنڌ جي ڪلاچي رهڻ ڏيو.



# واديءِ هوڏ جو رڻ ڪڇ

وقت جو قحط جتي درياهه کي به سڪائي ڇڏي ٿو اتي وري سانوڻيءَ جون موج مستيون سڪلن کي سائو ۽ بر ٽر کي جل ٿل ڪريو ڇڏين، هميشه سمنڊن جي جڳهين تي ٻيٽ ۽ خشڪيون ظاهر ٿينديون رهيون آهن. اتي وري سوين آباد ۽ زرخيز زمينون ٻلڊرن جيئن سمنڊ به ڳڙڪايو وڃي، تاريخ جي ستم ظريفي ڏسو ڪڏهن منگولن جي وحشتن جي ڪري دجلا ندي ڪتابن جي مس سان ڪارو پاڻي ٿيو ٿو وڃي، ٻي طرف جديد ٽيڪنالاجي حرڪتن جي ڪري ويچارڙا ڪتاب اڌوهيءَ جو کاڄ ٿيندا رهن ٿا.

معلومات جي حاصلات لاءِ وڏنڊڙ ڏيان اسان کي علم کان ائين آجو ڪيو آهي جيئن ترقي يافته دؤر ڪپڙن کان عورتن کي بي لباس ڪيو آهي، ڇا اها ترقي آهي، هر ايندڙ ويندڙ انسان جي اڳيان اسان جي امڙ، ڀيڻ، ادي، نياڻي ۽ وني جهڙي عورت ائين نڪري پئي جيئن ڪڙهائيءَ واري وٽ ڪڪڙ ڪنل ڪنين کان لاپرواهه ٿي ٽنگيل هوندي آهي.

ائين اسان جا معصوم ٻارڙا وڏن تعليمي درسگاهن کان وٺي بازارن ۾ بازيگر باز باهه وارا ڇوٽ آواره ڦرندڙ رولو ڪتن جي ٽولن وانگر، شرم حيا پائمال ڪرڻ لاءِ هر وقت حاضر خدمت، معلوم ڪبو ته سڀ ظاهري تعليم سان مالامال ملندا، پوءِ اصل ڪمي پيشي ڪٿي ٿي آهي؟ تربيت ۾ تعطل ڇو وڌو ويو؟ ڇا اسان وٽ مائرن اهڙا اولاد ڄڻڻ ڇڏي ڏنا جيڪي ماهرِ انسانيت ٿين، هن جديد دور جي نفسيات سمجهن، لوفرن کي لوڙهي روحانيت ۾ بند ڪري ڪماليت جا سبق سيکارين، ڇوٽ نفس جي پوڄارين کي ڪا سيڪت ۽ محبت ڏئي دائري انسانيت ۾ آڻين،

نفرتن جي پڪل برتنن کي ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري محبت جي چيڪي مٽيءَ جا اهڙا قلعا ۽ قانون جوڙين جنهن ۾ عزت انسانيت محفوظ رهي سگهي، گهٽ ۾ گهٽ اولاد جو اونو مائٽن کي ته هجي ۽ مائٽن جي پيرسني ۾ دوا درمل جي پريشاني ۽ علاج معالج جي آرٽيفيشل جو جُهڳاڙ نه ٿئي، بس سڀ تسليون تسالا تڏهن ئي دل ۾ داخل ٿيندا جڏهن نيڪاسي نفرت لاءِ نالا ۽ نديون ۽ ڪدورتون ڪٽي وڃي چوڙ ڪنديون وادي حسد ۽ هوڏ جي رڻ ڪڇ ۾.

رڻ رڻ هوندو آهي، پر پري کان نظر ائين ايندو آهي جڻ ڪو پاڻي جو وڏو تلاءُ ۽ اڇاڻ آهي، هميشه ائين ٿيندو رهيو آهي اڃايل جانور بي خبري ۾ ان رڻ کي اڇاڻ ۽ پاڻيءَ سمجهي ڊوڙي ڊوڙي سهڪندي سهڪندي موت جو ڪاڄ ٿيو وڃي، ائين ويچارڙو انسان نفرتن حسدن ۽ ڪدورتن جي پويان ٽڙندو ٿاٻڙندو آخرڪار اهڙي اڻ ڄاتل صحرا ۾ وڃيو نڪري جتي نفس بدمعاش جي مناس جي چاشني اهڙي بغاوت محبت کي جنم ڏي ٿي جتي سواءِ ندامت ۽ رسوائيءَ جي ٻيو ڪجهه به پلي نٿو پوي، آخر اهڙا حسدي حضرات هوڏن جي هنجن جا هيراڪ پاڻ سان گڏ ڪيترن جا ئي گهر ويران ڪريو ڇڏين.

اي ايڪويهين صديءَ جا انسان! اکيون کول، نظر ڊوڙائي، ايترو ڪجهه ڪر جيترو تنهنجو ٿي سگهي، خوامخواه خواهشات جي خمرچي تي خرچ نه ڪر، ڏهاڙا خوشيءَ جا ٿورا آهن، اڳيان نه جيب ۽ الماڙي رکڻ جي جڳهه اٿئي، ڏسي وٺ جيڪي گپن چڪن کان ڀڄندا هئا، مٿئين منزلن ۾ رهندا هئا، ڏاڍا نفيس ۽ نازڪ هئا، اڄ انهن جي قبرن تي مينهن ۽ گٽرن جي پاڻيءَ جا گهر ٺاهي ويا آهن، ٻي طرف الله لوڪ درويشن جي آرام گاهن تي هجوم انسانيت جا ڇهڇٽا لڳل آهن، اڄرج ڪر حيرت ڪاءُ.



# پَسِي پَرِ پِريُن جِي

جڏهن ڪو ڪنهن سان پيار ڪندو آهي، ته اهو ان کي مٺڙي لهجي ۾ سڏيندو آهي، جيئن منهنجا مٺا، منهجا پيارا ۽ پرين وغيره، اُهي سڀ لفظ خلوص مان ڇيا وڃن ٿا، جيئن ڪجهه وقت هڪ لفظ گهڻي مشهوري ماڻي "جاني" ننڍي وڏي اچارڻ ۽ سڏڻ شروع ڪيو، جيتوڻيڪ ڪافين چلتو ڦرتو دوستن ان کي تڪيا ڪلام ٺاهي ڇڏيو، جيئن ڪجهه وقت اڳ "پائي جان" جا به وڏا رٿا لڳا پيا هئا، خاص ڪري واپاري طبقي کان وٺي هر گهمندڙ ڦرندڙ ٻئي سان مخاطب ٿيندي وقت ضرور پائي جان بار بار چوي ئي چوي، ان جو ڪارڻ مخصوصن شعبن جي سيٺين ۽ واپارين کي جيستائين منهنجو تجربو آهي ته ان کي پنهنجي ڪاروبار ۽ فيلڊ کان سواءِ لفظ اچن ئي ڪون، ائين وو وو وڏيرا ٺيڪيداري نظام جي ڪري وڏا جهپ ڏئي هڪدم اڳتي اچڻ وارا اهڙن ٻڌل لفظن کي ڪيچ ڪريو وٺن.

جيئن گهڻا سال اڳ ۾ هڪ اهڙي همراهه هڪ انگريزي لفظ ايڪچولي ايترو ته الاپايو جو ويٺل هڪ چونديل نمائندو ڪاوڙجي پيو ۽ چيائين ته بس ڪر مسٽر ايڪچولي صاحب، سيٺي کلڻ شروع ڪيو، وري ان هڪ لفظ جهڙي ورتو سميئل ان کي اچي ڪنيائين، بس کلڻ به اچي پيو، چئي به ڪجهه نٿو سگهجي، ڳالهه ڪرڻ جو مقصد ائين ئي واپاري طبقو جنهن ۾ تعليم کان وڌيڪ مهارت ۽ تجربي جي ضرورت هوندي آهي، اُهي وڏن سيٺين کان ڪاروباري فڪس لفظن ۽ نظام کي سمجهي وٺندا آهن.

اصل مقصد ڳالهه جو هيءُ آهي تہ اسان کي، اها ڳالهہ سمجهڻي آهي، جنهن ۾ فائدو نظر اچي، اهڙا پيارا پرين ساٿي جيڪي هڪ فرد نہ سيني جا هڏ ڏوکي (همدرد) هوندا، پوءِ اُهي پلي ڪاروباري هجن يا قلم ڏٽي، يا سياسي، سماجي، روحاني هستيون، انهن جو مقصد عوام الناس هوندي آهي، اُهي نہ هڪ فرقي سان واسطو رکندا نہ وري ڪنهن ذاتيات ۽ لسانيات جو پاسو وٺندا، ضرور اُهي بہ معاشري جا فرد هوندا، ريتن ۽ رسمن تحت هلندا، پر انسانيت جي خيرخواهيءَ کي ڪڏهن بہ پوئتي نہ ڪندا، قائدن ۽ قانونن جي پاسداري ڪندي حقوق انسانيت لاءِ ضرور جاکوڙيندا، تنقيدون ۽ تبصرا ڪرڻ کان وڌيڪ عملي ڪم ڪري ڏيکاريندا، مذهبي بنيادن کي غلط سلط چوڻ کان پاسو ڪري پنهنجي نظرئي کي عملي ۽ جامع طور ڪٽي اڳتي هلندا ۽ ائين سمجهائيندا جو هڪ جاهل کان وٺي پڙهيل لکيل ماڻهو تائين هڪ مغرور ۽ امن پسند کان هڪ وحشي شخص کي بہ سولائي سان سمجهڻ جو موقعو ڏنو وڃي، پنهنجي ڳالهہ ٻڌائڻ وقت ٻئي جي بہ حال ۽ احوال ٻڌڻ سان گڏ سمجهي بہ سگهجي تہ اڳئيون شخص اصل چوڻ ڇا ٿو چاهي، انهيءَ کي ايتري قدر سماج ۽ معاشري ڇڙ ڇڙيو ڇا لاءِ ڪيو آهي، ڪهڙيون تڪليفون ڏنيون اٿس، جنهن جي بنياد تي هيءُ ان حد تائين انسانيت سان بغاوت تي لهي آيو آهي، جيڪڏهن ان جي ڳالهہ ۾ وزن آهي تہ ان کي نرمي سان ان جو امڪاني حل جيڪو وقت ۽ حالات جي پٽاندر (مطابق) ٿي سگهي، نہ تہ سامت ۽ صبر جي ٻوليءَ ۾ رمز ۽ ريت سلجهائي جنهن ۾ ان فرد ان فيملي ۽ مڪمل سماج جو ڇوٽڪارو هجي.



ڏسو هڪ فرد جي ناڪاره ٿيڻ جي ڪري سڄي گهر کان وٺي ڪيترا فرد ۽ پاڙو نامڪمل ٻڻجيو پوي، هڪ فرد ڏوڪڙن کي سڀ ڪجهہ سمجهي منشيات جهڙي لعنتي ڪاروبار ۾ ملوث ٿيڻ جي ڪري اها وبا ٻين سان گڏ هن جو پنهنجو بہ ڏيو اجهائي جهڳو جهڻ ڪندي، ائين ڪو غلط منفي انتقامي سياست جي آڌار تي مقبول ٿيڻ جي ڊوڙ ۾ جيڪو اچ ڪري پيو صبح جو پاڻ سان گڏ سڄي فيملي پوڳيندي پر سندن حمايتي پاڙو ۽ راڄ بہ، هڪ واپاري وياجن جي ڪٽ پيس هڪدم امير ٿيڻ جي رٽ تي گڏ ڪيل سموري موڙي پنن سوڏي ڏئي هڪ ڏينهن مالڪ حقيقيءَ جي اڳيان وڏيون بيماريون ٻين کي ڏئي ملاوت ۽ ذخيره اندوزي سان گڏ قبر ۾ بہ ڪٽي ويندو دنياوي پاڙي وارن جيئن قبرستان جا پاڙي وارا هن قبر جي آڙاهہ کان پيا پناهہ گهرندا.

هاڻي اچو تہ ان پرينءَ جي پار جي ڳالهہ ڪريون جيڪا صفا سچ ۽ حقيقت آهي، اها نبي آخر زمان صلي الله عليہ وسلم جي تعليمات کي ڏسڻ ۽ پڙهڻ ان تي عمل ڪرڻ آهي ۽ ان مان، يقينن ايترا تي فائدا ملندا جو سوچي بہ نٿا سگهو اها ڪنهن بہ فرقي رنگ نسل ڪنهن بہ انسان جي محتاج ناهي، جتان اها ملي ان کي چنبڙي پئو.

# پيرين پُراڻا ڪيٽڙا

پراڻيون چوٽيون ۾ ڪهاوتون ڪيڏيون به پراڻيون ٿيڻ جي باوجود پاڻ ۾ هڪ معنيٰ رکن ٿيون. جيئن چوٽي آهي ته گڏهه ساڳيو آٽر (يعني سنج) ٻيا. رنگ روپ تبديل ڪرڻ سان ظاهري طرح ضرور ڪجهه چهري ۾ شخصيت تي تبديلي محسوس ٿئي ٿي. جيئن هڪ ٻار ڪان ويندي بالغ وري اڌڙوٽ ۾ پوءِ پوڙهائپ تائين. ضرور چهري جي شڪل متجي ٿي ۾ سوچ تجربي ۾ به فرق پوندو آهي. پر اندر ان جسم ۾ ويٺل جيڪو وقت سان گڏ قد بت رتويت ۾ ٿلهو متارو وڏيڪ ويڪرو ڪشادو ٿيندو ويندو آهي. اهو هڪ قدرت جو قانون آهي. ان خاص جسم واري شخصيت جو نالو پيءُ. ذات ۾ قبيلو ڪڏهن به متبو ناهي. اها ٻئي ڳالهه آهي جو ماحول ۾ معاشري سان گڏ ثقافت ٻولي ويس ۾ ملڪ وطن تبديل ٿي سگهندو آهي اها به هڪ قدرتي ڳالهه آهي. چون ٿا ته جتي داڻو پاڻي لکيل هوندو اتي وڃي چُڳبو. جيئن انسان تعليم ۾ ڪاروبار ڪان وٺي دنياوي ويڙهن جنگن جي ڪري هڪ هنڌ ڪان ٻي هنڌ لڏ پلاڻ ڪن ٿا. جيئن سائين نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم واپار لاءِ به سفر ڪيا آهن. مڪي جي ڪافرن جي ظلم جي ڪري به هجرت ڪرڻ فرمائي. پوءِ يثرب ڪي مدينه منوره ٺاهي هميشه ان ڪي ابدي روحاني مرڪز ٺاهيو. اسلام جو. ڪوڙ سارا نيڪ انسان مديني سان محبت ۾ ان جي اهميت لاءِ الله سائين ڪان دعائون گهرندا ويا. ڪافي حديثون ان جون ثبوت آهن. پاڻ سائين ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن مديني ڪي دين جي تعليم جو مرڪز بنايو جيڪو اسان لاءِ هڪ راهه ۾ رستو آهي. پر بدقسمتي سان هڪ انسان



سوين لوڏن ۾ چڪرن بعد به سوچ نه تبديل ڪري. اهوئي ساڳيو لڪڻ ۾ لغار. اها تند ۾ تنوار. جيئن ڏنو ويو آهي ته هڪ ماڻهو باوجود گهڻو ڪجهه پڙهڻ ۾ ڊگرين وٺڻ بعد به ان جو ذهن تبديل نٿو ٿئي. جيئن گهڻا ماڻهو وقت تي توبهه ڪرڻ ۾ مقدس عبادت گاهن تان ٿي اچڻ بعد وري به ساڳيو ڳن ۾ ڪهاڙو وڌ. وڏا سڄي انسانيت ڪي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏين ٿا. ائين ان جي اندر جو شيطان انسان ۾ تبديل نٿو ٿئي. پوءِ لوڙي وري سڄو سماج ٿو. پوڳي سڄو معاشرو ٿو. جيئن هڪ هنج ۾ مور ڪوئل پکي جو رانديڪو ٺاهي ان ۾ سائونڊ ۾ آواز ڪانو جو هلايو پوءِ ٻاجي لاءِ پکين جا ويس ۾ جسامت تبديل ڪجن. ان ڪان بهتر آهي ته سڄاڻجي اصليت ڪي ۾ نقل ڪي اهڙن ماڻهن ڪي جيڪي هڪ انساني روپ ۾ جانور وحشي بڻجن ٿا فقط ذاتي مفاد خاطر. اهي ڪڏهن به تبديل ناهن ٿيندا نه ئي انهن جو اندر ۾ انهن جو اندر وارو انسان بدلجي ٿو وري به اُهي پراڻا پير ڪڍڻ شروع ڪن ٿا.

# رڳڙو لڳو ناهي، جهڳڙو متو ناهي

جڏهن بہ ڪنهن ڪانءَ پڪي کي ڪارو ڪُڪڙ چئي ڪاٺڻ جي ڪوشش ڪبي، ضرور ڪٿي نہ ڪٿي ڇهنب مان، پرن مان، پيرن ۾ ٽنگن مان ظاهر ٿي پوندو ۽ پوءِ اها ڳالهہ نڪتي ناهي تہ ڳالهڙو ٿيو ناهي.

ائين ئي شراب واپرائڻ وارا شراب جي بوتل کي ڪڏهن ڪڏهن ڏبڙ دوس ۾ ماکي چئي ڇڏيندا آهن. جيئن چرس کي فقيراڻي مزاج ۾ آڻي استعمال ڪرائي سيني خمارن کي روحاني علاج ليکيو ويندو آهي.

چون ٿا امل کي ڪارو نانگ سڏي ان تي ڪُڙي ڏيڻ وارا آسمانن جي سير تي نڪريو پون. هميشہ ويچارڙي ٻلي کي ڇيچڙا وٽندا آهن. پر اها خوش نصيب ٻلي چئبي جيڪا گهر ڌڻي جي اڳيان پويان ٿي پنهنجي مرضيءَ جا ڇيچڙا هٿ ڪرڻ ۾ ڪاميابي ماڻي وٺندي آهي، نہ تہ اتي ويٺل پالتو ڪتا بہ ضد ڪرڻ جو حق محفوظ رکن ٿا. اهو انهن جو قانوني حق آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن طوطو بہ ڪاري تتر جيئان نہ چاهيندي بہ ماٺ ۾ خاموشي اختيار ڪري ويندو آهي، پر هن اچڙي تتر ٻولي ٻولي گهٽن پنهنجن دوستن ۾ مائٽن کي شڪار ڪرائي ڇڏيا.

ائين جڏهن آمريڪا وارن ديويءَ جو وڻ 1914ع ۾ ويڙهہ جي وقت فوج جي گهوڙن جي ڪاٺڻ واسطي ڪراچيءَ جي بندر گاه تي آندو ائين ئي سڄي سنڌ ۾ متعارف ٿيو. جانورن ۽ مال جي خوراڪ جي ذريعي ٿر تائين پهچي ويو. جڏهن سعودي عرب وڃڻ ٿيو تہ اتي بہ ديوي جو وڻ ڏنو ويو. ان جو ڪارڻ جانور وڪري لاءِ سعودي عرب وڃن ٿا.



ڇوڙ جو مقصد ٻج ڪهڙو بہ ڇٽيو اهو ڦهلجڻو آهي ئي آهي، پوءِ اهو تحريري هجي يا تقريري هجي، ان ۾ محبت، پيار، اخوت، ڪردار، اخلاقيات هجي، يا نفرت ۽ حسد هجي، ان جو نشانو هڪ خاص طبقو هجي يا سڄي انسانيت هجي، پوک تہ پچندي ۽ پکيڙبي ڦهليبي، سڄو سماج ان مان پنهنجي پنهنجي حصي جو حصو وٺندو ئي رهندو.

ائين اڄڪلهہ جي سياست، پارليامنٽ مان نڪري رستن ۽ سوشل ميڊيا تي اچي پهتي آهي، جتان هڪ عام ماڻهو تائين آساني سان دستياب ٿي ويئي آهي. هاڻي اهو ديوي جو وڻ يا ڪمند جي ڪاني جو رس هجي، بازار جي زينت بڻيل آهي، سيڪو خريدار جنهن کي ٻارڻ گهرجي اهو ديوي خريدي وڃي ٻارڻ ٻاري اتي جتي اُجهايل هجي، جنهن کي مٺاس ۽ امن جي اُڃ هجي اهو ڪمند جو رس پئي ۽ واپرائي، چشڪو هر ڪنهن ايٿم جو پنهنجو آهي، بس رڳو رڳڙو لڳڻ جي دير آهي، باقي جهڳڙا ۽ معاملا وري مسئلا ڪنڌ ڪڍيو بيٺا آهن، ڪنهن جي هٿ ۾ تيلي تہ وري ڪنهن جي هٿ ۾ گاسليٽ آهي، جيتوڻيڪ گاسليٽ مهانگو ضرور ٿيو آهي پر الاهي ڇو ٻارڻ لاءِ مفت مليو ٿو وڃي، پر اُجهائڻ لاءِ محبت ۽ امن امان جي بلديا واري فائير برگيڊ هميشہ دير ڪندي آهي، ڇو جو ان ۾ هاڻي ايتري وسعت ۽ دم ناهي رهيو ان کي هميشہ غلط جڳهن تي استعمال ڪيو ويو آهي ذاتي مفادن لاءِ يا جيڪڏهن صحيح طريقي سان هلائيجي ها تہ يقينن ڪيترن ئي ٻاريل ٻارٽن کي هيستائين اُجهائي پئي سگهي.

بهرحال وري بہ ويچارڙا ڪجهہ فرد پنهنجي ليکي هٿ جي تري تي پاڻي لپ ڪڍيو گهمندي ڏٺا ويا آهن. باقي اُجهي يا نہ اُجهي انهن جي جدوجهد کي سلام آهي.

# چمڙا

دنيا جي سائنس جي مطابق چوڏهن سؤ قِسمَ آهن چمڙن جا، وڏي ڳالهہ آهي جو هيءُ کير پيارينڊڙ پکي آهن. هنن لاءِ هڪ محاورو ٻڌڻ ۾ ايندو رهندو آهي ۽ سچ بہ آهي تہ هنن کي سج ڏسڻ ۾ ناهي ايندو، هيءَ هميشہ رات جو ٻاهر نڪرندا آهن. ڀراڙيءَ ۾ وڏين ماسين ۽ نانين کان چوندي ٻڌو ويو آهي، ننڍڙن ٻارڙن کي تہ بچجو ڪٽي هي ڪن نڪ کائي نہ ڇڏين، اُهي پکي گهرن جي ڪچين ڇتن وارين جڳهن تي يا وڻن ٽڻن تي پنهنجا اجها ٺاهيندا آهن.

پر هتي وري نوان جديد چمڙن جا ولر اوهان کي ملندا، واقعي اُهي سج کي نٽا ڏسي سگهن چو تہ سڄيون راتيون جاڳي گذارين ٿا ۽ صبح جو منهن هٽي وهاڻن ۾ سمهي پون ٿا. اُهي اسان جي نئين نسل جا چمڙن جهڙا جوانڙا آهن، جيڪي ترقي پسند ۽ برگر نظام جا متلاشي سمجهيا وڃن ٿا. وري جديد پبجي گيم جهڙي دشمن راند جا وڏا شوقين ۽ شيشا هُڪا ۽ چرس چپٽي جا هيراڪ. اهڙا جوانڙا ڳالهيون وري وڏيون وڏيون پر عمل کان خالي، محسوس ائين پيو ٿيندو جڻ لال قلعي تي قبضو ڪرڻ وارا آهن. مائٽن جي ڪمائي تي نخرا ۽ ناز ڪرڻ وارا پنهنجي مستقبل جا باغي فردَ. جنهن جي من مستين سڄي معاشري تي وڏا اثرات نازل ڪيا آهن.

ٻئي طرف باهمت جوان مسڪيني ۽ لاچاري واري حال ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي مدد پاڻ جاکوڙي آزمائشن جا امتحان پاس ڪري جڏهن وڃي پوسٽون والارين پوءِ گهر جا فڪرات اُهي عشق کان وٺي انساني حقوق متعلق سڀ سوال ختم بس راتو رات ۾



امير ٻڻجڻ وارن خيالن ۾ اچي پنهنجن پراون کي ٻنهي هٿن سان پٽ پٽا، اهڙا چمڙا توهان کي هر شعبي ۾ نظر ايندا، چو تہ هنن کي سچ وارو سج نظر ناهي ايندو، فقط ڪوڙ واري ڪاري رات ڏيکائي ڏيندي آهي، پوءِ نڪري پوندا آهن شڪار تي، بس ڪانوَ هجي يا ڪبوتر، پلي ٻلو يا ڪتو جيڪو ملي سڀ هڙپ. ڏسو اڄ اسان جي معاشري جو حال سياست کان وٺي مختلف شعبن ۾ گهٽائي وري بہ انهن ئي فردن جي آهي، جيڪي ڪاري رات جي اونداهيءَ جو فائدو وٺي گهٽڻ جون زندگيون ڳڙڪائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن.

اڄ هر طرف مونجهارو ئي مونجهارو دم گهٽي پيو ۽ ساهہ کي منجهائي پيو، جڻ گهٽتو پيو اچي، سچ تہ اهو آهي واقعي سڄي سماج کي گهٽ ٻوسٽ جو مرض لڳي ويو آهي، ضرور سڀ بيمار ناهن، ڪجهہ اڃان صحتمند ۽ صحتمند خيالن وارا گهمن هلن پيا جيڪي سج جهڙي روشنيءَ کي پکيڙڻ جو شوق رکن ٿا ۽ هر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا جيئن هيءَ ڪاري ٻاٽ اونداهي ختم ٿي سگهي، ڪو شعور ۽ سجاڳي بيدار ٿي وڃي، جتي انسان کي انسان سمجهي ان جي ڪردار تحت قدر ڪيو وڃي، باقي پوشاڪ ۽ سواري جي ڪِڍ لڳي پاڻ پيادل هلي وڃي اتي ڀڄجي ڏسي ڪنهن چمڙي جيئن لڪي نہ وڃي، پوءِ پيو پڇتاءُ جو احساس ماري، بس چنبڙي ۽ ڇهتي پوندڙن اونداهي وارن چمڙن کان پاڻ کي ۽ سماج کي بچايو.

# لوطين کي لوڙها ڏيو

هن وقت تقريبن سوا ٻه سؤ ملڪ آزاد آهن، جنهن ۾ هڪ اندازي مطابق سوا چار سؤ مذاهبَ آهن. جن سان واسطو رکندڙ ڪيترائي انسان رهن ٿا ۽ باقي آزاد خيال ۽ غير مذهب يعني ڪنهن کي به نه مڃڻ وارا اهڙا الڳ ٿلڳ انسان، هر ڪنهن جي پنهنجي پنهنجي راءِ آهي.

ائين مذهبن جا نظريا ۽ انهن مان وري انهن جي مفڪرن جا فلسفا ۽ خيال اڇي وڃن ٿا، پر جيستائين مطالعو ڪيو ٿو وڃي تاريخ جي ورقن جو، ته سڀ مذهبن جو دائره ڪار اخلاقيات سيکارڻ لاءِ هڪ قانون ۽ ضابطو آڻڻ ۽ انهن انسانن کي قابو ڪرڻ آهي، ائين ئي جيئن هڪ ملڪ ۽ رياست جو قانون ۽ منشور هڪ ملڪ کي هلائڻ لاءِ سزا ۽ جزا جا عمل جوڙي ٿو ڪٿي وري پنهنجي بادشاهت ۽ حڪمرانيءَ کي وسعت ڏيڻ خاطر ڪجهه ايذائيندڙ قانون به ٺاهيا ٿا وڃن. جيئن هڪ قسم جي رت ۽ حڪم هلي سگهي.

ائين ورلڊ آرڊر، غريب ۽ پيڙهيل رياستن لاءِ سپر پاور ملڪن جا قانون ۽ قائدا ۽ ڪٿي گڏيل قومن جي اداري اقوام متحده ۾ ڪجهه سرمائيداري نظام تحت ويٽو وارا اختيار رکندڙن ملڪن ۾ ڏنا ٿا وڃن ۽ ڪٿي وري ڪن غير مذهبن قومن کي چچرڻ لاءِ وقتي قانون به جوڙيا ٿا وڃن، جيئن فلسطين ۽ ڪشمير جهڙن ملڪن ۾ ڏٺو ويو آهي، ائين



وري افغانستان ۾ به غير ملڪين جا حملا انتها پسندي کي گهٽائڻ يا وڌائڻ وارا اهي حربا شامل آهن. اُهي ته تاريخ جا طالب علم وقت تي تحقيقات ڪندا رهندا ته ڪير ڪٿي غلط يا سچو هو.

اُهي سڀ قانون جتي انسانن کي ڪنهن نه ڪنهن ضابطي ۾ آڻين ٿا ته ڪٿي وري انساني حقن جي لتاڙ به ڪن ٿا، پر مذهبن جا قانون جيڪي خاص ڪري اُهي مذهب جن جو قرآن پاڪ ۾ ذڪر ٿو اچي، جن کي صاحبِ ڪتاب جو درجو قرآن پاڪ ڏئي ٿو جن سڀني جو نچوڙ ۽ خاتمو قرآن پاڪ جي اچڻ بعد هڪ جڳهه ملي ٿو وڃي، سڀئي بهترين اخلاقيات ۽ ڪردار سميت هڪ جامع شعور ۽ سجاڳي بيداري جو مذهب اسلام جنهن ۾ جاندارن ۽ ڪائنات جي رازن کان وٺي سڀ حقوق انسانيت جامع طور سيرتِ پاڪ محمدي صلي الله عليه وسلم تحت سمجهايا ويا آهن.

قرآن پاڪ ۾ جتي ٻين نبين جا قصا بيان ڪيا ويا آهن اتي حضرت لوط عليه السلام جي قوم جو انسانيت سوز برائيءَ کي به ظاهر ڪيو ويو آهي، هاڻي جيڪڏهن اها ساڳي ڪماڻي قرآن پاڪ سان وابسته ماڻهو، جن جو پيٽ پالڻ کان وٺي سڄو روزگار ۽ ڪم ڪار قرآن پاڪ جي نالي پويان لڳل هجي، اهي ئي اگر ان قرآن پاڪ کي پڙهڻ بعد جيڪڏهن ان جي انحرافي ۽ بدنامي جو ڪارڻ بڻجن، جيتوڻيڪ مسجد ۽ مدرسو هڪ پناهگاهه جي حثيت رکن ٿا. آڳاٽي وقت ۾ ماڻهو پنهنجي نياڻين جي سار به اهڙن جي حوالي ڪندا هئا. جن مان وڏا وڏا نالا تاريخ ۾ اچن ٿا جن جو ڪردار هر مکتبه فکر سان واڳيل آهي، جنهن ۾ يتيم ۽ بي پهچ ٻارڙا به اچن ٿا، جيڪي لاچار

ءِ لاوارث هوندا آهن. انهن جا تاريخي استاد اهڙا ٿي گذريا آهن ءِ يقينن اڃان بہ هوندا، جن تي اسلام کان وٺي هر انسان کي ناز آهي.

اهو ڪونهي تہ بدڪاري ءِ برائيءَ جي ڪو جديد يونيورسٽين ۾ ءِ هاسٽلن ۾ ڪا گهٽتائي آهي، انهن ۾ حد درجي کان وڌيڪ برائي ءِ منشيات جو ڪاروبار ءِ ڦهلاءَ ٿئي ٿو پر اتي بہ ائين ٿيڻ نہ گهرجي، پر پوءِ بہ اُهي دنياوي تعليم جي دائري ۾ اچن ٿا. جتي اسلام جي فروغ ءِ پاڪيزگيءَ جي ڳالهہ ٿي اچي، اتي اسان کي وڌيڪ سختيون ڪرڻ کپن انهن استاد ڪرامن کي تہ اها هڪ وڏي سازش تحت هڪ بدنما داغ آهي، اهڙن ڪمائو نفس جي پوڄارين کي نيڪالي ڏئي، پنهنجو دامن پاڪ ڪرائين ءِ سياست ءِ فرقي واريت نفرت کان آجا ڪرائي فقط امت مسلمہ لاءِ هڪ پيغام اخلاقيات تي زور ڏين.



# انصاف آزاد سونهين ٿو

قرآن پاڪ ترازوءَ کي اهميت ڏئي ٿو محشر جو ميدان بہ انصاف لاءِ سجايو ويندو اهڙي طرح خاتم النبي صلي الله عليہ وسلم بہ انصاف کي سيني لاءِ هڪ جهڙو قرار ڏنو آهي ءِ پنهنجي نياڻي خاتون جنت تي بہ جيڪڏهن چوري ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ هٿ ڪپڻ جي حڪم ڏيڻ کان نہ ڪيٻائڻ جو چيو آهي.

خلفاءِ راشدين جي زماني ۾ وقت جي قاضي قضا جو منصب علي سائين عليہ السلام جي حوالي ڪرڻ جو مقصد حق ءِ انصاف جو قد ڪاٺ وڌائڻ هو علي سائين عليہ السلام جا فيصلا تاريخ ۾ بيان ڪيا پيا وڃن، وڏين وڏين رياستن ءِ خاص ڪري سلجوق ءِ عثماني سلطنت جو قانون تي وڏو فوڪس هوندو هو اُهو ان جي بقا جو دارومدار رهيو ءِ يورپي يونين پنهنجي ملڪن ۾ انصاف کي باقاعده انصاف طور قائم رکيو آهي، قانون جو احترام ڪرڻ سيکاريو ٿو وڃي، فيصلا شاهدين جي بنياد تي ڪيا ٿا وڃن، ضرور ان ۾ خطائون بہ سرزد ٿي سگهن ٿيون، پر ڏنو ويو آهي تہ خلفاءِ راشدين رضہ کان وٺي وڏين رياستي هستين بہ عدالت ۾ پيش ٿي ڪري انصاف جو مقام بلند ڪيو آهي.

ائين امامن عليہ السلام ءِ بزرگن ءِ عالمن کي بہ عدالتن ۾ ويهڻو پيو آهي، پر اُنهن ڪيترن ئي اختلافن باوجود قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ خاموشيءَ جو شربت پيتو آهي.

پر موجوده وقت ۾ هر جڳهہ تي انصاف جي خلاف هڪ مزاحمتي سلسلو شروع ٿيندي ڏٺو ويو آهي، ننڍڙين ننڍڙين شين تي مزاحمت ءِ رونشي وارا شوشا وڏندڙ نظر اچن پيا، خاص ڪري سياست ۾ صبر ءِ بردباري وارو پهلو جڙ کي آخري پساهن ۾ پهچي چڪو آهي، وڏي

سياست کان وٺي لوڪل سياست تائين هڪ انتقام جي باهہ هر ڪنهن جي جسم ۽ سيني ۾ ساڙ ڪرڻ لڳي آهي، هر اقتداري ڌر ٻي ڌر کي معاف ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار ڪانهي.

ڏٺو ويو آهي تہ تجربي سان جيڪو سياسي اختلاف راءِ رکي ٿو جنهن سان اها ڌر ۽ سندن حمايتي ان کي منافق کان وٺي ناپسنديده الفاظ چوندي هڪ پل لاءِ بہ گهبرائين نٿا. هر مخالف سمت وارو شخص قابل قبول نٿو ڪيو وڃي، پلي اهو ڪيڏو نہ معتبر ۽ با اخلاق ڇو نہ هجي، ان جون خاصيتون هڪ آئينو ڇو نہ هجن، پر اهائي پراڻي ڪهاڻي تہ منهنجو اليڪشن ۾ ساٿ ڇو نہ ڏنائين، پنهنجيون سموريون خاميون درگذر پر مخالفت ڪنهن بہ طرح قبول ۽ برداشت ناهي ڪرڻي، ڪنهن کي ڪهڙي جرئت جو رئيس ۽ وڏيري مير پير جي اڳ کي اُلي جي الفاظن سان پيٽ ڏي، پنهنجو مٿو سڄو ڪٽي سفيد چاندي ڇو نہ هجي پر ٻي جو هڪ وار بہ اڇو نٿو وٽي، اها روش رڳو هيٺاهين سطح تائين نہ پر لکيل پڙهيل حضراتن کان ٿيندي ۽ وڏن ادارن مقدس مقامن تائين پهچي چڪي آهي، انهيءَ منفي سوچ جو اثر هر جڳهہ تي ڪرونا جي وبائي مرض جيئن ڏٺو پيو وڃي، هاڻي اهو جارحيت وارو مرض فقط هڪ انجيڪشن سان نہ پر گڏوگڏ بوسٽن جي هوندي ڪجهہ احتياطي تدبيرون بہ آٽي پيون سگهجن، نہ تہ جيڪو مددگار فيصلو ۽ شخص آهي اهو ڪجهہ وقت اڳئي ڪيترو ئي مخالف ڇو نہ رهيو هجي هاڻي ڪو زم زم ۾ غسل ڪري ويهي رهيو آهي، چاپلوسي واري پاليسي تحت. هرگز اهو نہ ڪنهن رياست لاءِ نہ ڪنهن قوم ۽ ملت لاءِ ڪو سازگار ٿي سگهي ٿو. وقت جي ضرورت آهي تہ قانون ۽ قاعدن جو ٻوٽ ٻڌڻ کان بهتر آهي تہ انصاف کي آزادي واري سونهن بخش ڪجي، پوءِ ڪارا ۽ مٺا سڀ هضم ڪرڻ کپن نہ تہ هر وقت ذاتيات واري رٿ ڪارآمد ثابت ناهي ٿيندي، رڳو مفادن جي پاسي اُٺ کي نہ ويهارجي.



# جيڏانهن رخ، تيڏانهن مخ

دنيا جي گهڻائي هميشہ دنيا جا رخ ڏسي پاڻ کي بہ اوڏانهن موڙيندي آهي، اهو فطرت ۾ شمار رهندو اچي، هر ڪو ڪنهن نہ ڪنهن جي ڪاپي ڪرڻ جي چڪر ۾ رڌل هوندو آهي، خبر دير سان وڃي پوندي تہ ڪاپي غلط ٿي وئي، انهيءَ ۾ وڏي آساني سوشل ميڊيا ڪري ڇڏي آهي بس رخ ڏٺو ناهي مخ ڦريو ناهي، ڪاپي پيسٽ ڪرڻ هوئڻ بہ آسان طريقو آهي، جيئن ڪنهن وقت ۾ جناح ٽوپي جو رواج هو، وري ترڪي واري ٽوپي آئي ائين ڪئين ٽوپيون آيون ۽ ويون، ائين وري ڊريسنگ وقتن بہ وقتن تبديل ٿيندي وئي، ائين هر اڳواڻ پنهنجي پوئلڳن کي پاڻ جهڙي ڊريسنگ پارائڻ شروع ڪئي، ائين وري سياسي شخصيتن کان متاثر ڪجهہ عناصرن اهو شوق جاري رکيو، بهرحال ڊريسنگ تائين تہ سڀ خير پر لهجن ۾ جيڪڏهن اهڙيون شروعاتون رونما ٿينديون رهن، سٺي ڳالهہ جي نقل سٺو رجحان پيدا ڪري ٿي بهتر آهي، پر جيڪڏهن غلط رويا ۽ غلط لهجا ۽ خاص ڪري غلط الزام بازيون ۽ تعصب پريون ۽ نفرت سان مالامال نقلون سڄي معاشري جو وايو مڊل تبديل ڪريو ڇڏين، نقصان وري بہ پنهنجا ئي پنهنجا، جتان ڪنيو وري اتي ڇڏيو، اهڙيون سرد مهريون رشتن ناتن سان هٿ چراندون، ڪلفتن جا دڪان کوليو ڇڏين خاص ڪري اڄڪلهہ وڏي دڪان داري سوشل ميڊيا تي ٿيندي آهي. جيئن تولو مولو پاڻ ۾ ڪنهن ڳاله تي کلي رهيا هئا تہ ڪاڪو قادن خوامخواه کليو پئي، تولو هَڪَلَ ڪري پڇيس تہ ڪاڪا ڪجهہ سمجهيو اٿئي يا خوامخواه پيو کلين؟ ورنديءَ ۾ چيائين ابا سمجهڻ جي ڪهڙي

ضرورت آهي سائينءَ سرمائي چيو آهي تہ وقت سان گڏ هلڻ سکو بس ٻچا اوهان پيا ڪلو تہ آئون بہ پيو ڪلان. جيڪڏهن اوهان روئيو هان تہ آئون بہ اوهان وانگر روئڻ جي ڪوشش ضرور ڪريان هان. باقي معلومات وٺڻ پاڻ ۾ ڪونهي. نڪو ٻڌون نڪو سڻون بس جڳ جهڙو ٿيڻ لاءِ هونگرون پڙڻ بعد آواز ملائيندا آهيون. پوءِ جهڙو رخ اوڏانهن اسان جو چهرو ۽ مخ.



# سيد غلام حيدر شاهہ قلندري جا

## شايع ٿيل ڪتاب

1. منهنجا سهڻا سڄڻ (ڪافيون)
2. پلي چريو چون ماڻهو
3. نرتؤن منجهان نينهن
4. هو جي هليا هنگلور (نثر)
5. گونجيا گيت حيدر جا (شاعري)
6. آثارِ قيامت
7. آذانِ عشق (تقريرون)
8. چنڊ چهرو محبوب جو (شاعري)
9. پرينءَ جي پار جون ڳالهيون.
10. سڄڻ جن کي سڏيو
11. اعلانِ عشق (تقريرون).
12. انتقالِ عشق وصالِ يار (شاعري).
13. نچوڙيو نينهن جن کي
14. ہدایت نامہ سلوکِ قلندری
15. وفاءِ محمد ﷺ
16. رڳون ٿيون رباب (الله پاڪ جو ذڪر ۽ ان جو نعمتون)
17. منيون پيڙي پچ (اصلاحي ڪالم)
18. سفرِ عشق (ذکر اہل بیت اور زیارات مقدسہ)
19. مقامِ محبت (عشقِ رسول ﷺ کے پروگرام، ربیع الاول 2021 کی محافل میلاد مصطفیٰ ﷺ)
20. Salient Message of Sufism
21. ٿهڪن ۾ تاڪوڙو (اصلاحي ڪالم)
22. رازِ عشق
23. The Vision of Life
24. روميءَ جي اوطاق
25. اسباقِ عشق
26. ورتم پر پٽائيءَ جي (ڪالم)
27. سب چلتا ہے
28. ميدان عشق (تقريرون)
29.

## شايع ٿيندڙ ڪتاب

1. وارداتِ عشق (تقريرون)
2. باغِ وفا جون رمزون (روحاني ڪچهريون)
3. لفظن جو ڄار (شاعري)
4. انعامِ عشق (سوالن جا جواب)
5. بے سمجھی کی باتیں (اردو شاعری)
6. چوڏهينءَ وارو چنڊ (ڏاڏا سائين يوسف شاهہ رح جي سوانح حيات)
7. جهونن جي جهوپڙي (اصلاحي ڪالم)
8. جوان جذبن ۽ پوڙهي وقت جي ڪڙي (اصلاحي ڪالم)
9. خير خواهيءَ جي خيرات (ڪالم)
10. دَٻي ۾ ٽڪريون (ڪالم)
11. لڪيرن جا ليڪ (ڪالم)
12. ڪلي ڪچهري (ڪالم)
13. لوازماتِ عشق
14. فلسفہ حسینیت
15. جهنگل ۾ جهرمٽ
16. ڪچي ڪاچوٽي (ڪالم)
17. وقت وارن جا ورق (ڪچهريون)
18. لطيفي للڪار (ڪالم)